# منهنجا معصوم سڄڻ

وينا شرنگي

| | |
|---|---|
| :ڪتاب جو نالو | منهنجا معصوم سچ |
| :مصنف | وينا شرنگي |
| :ڇپائيندڙ | پروميلا پبليڪيشن اِندرپوري، نئي دهلي |
| :ڪيٽيگري | ناول |
| :شايع ٿيڻ جو سال | 1989 |

هي ڪتاب هند جي ناماياري ليکڪا وينا شرنگي جي مونولاگ جي صورت ۾ لکيل ناول (يادن جو مجموعو) آهي. هوءَ لکي ٿي:
منهنجا معصوم سچ" هي ڪا صرف منهنجي نه پر سچ تنهنجي زندگي آ.... منهنجي " زندگي آ.... اسان سڀني جي زندگي سمايل آ.... " منهنجا معصوم سچ " ڪنهن هڪ وينا يا وشال جي داستان نه آهي، پر اِنساني زندگيءَ جا اَلڳ اَلڳ روپ آهن. "منهنجا معصوم سچ" ڪھڙي وينا جو اِظهار آهي اُن ڪان ناواقف آهيان جا مون ڪان منهنجو وجود ڦُري رهي آهي.

**:فهرست**


- ڪتاب بابت
- انتساب
- سنڌ سلامت ياران
- نظم
- ليکڪا پاران


**منهنجا معصوم سچ (ناول)**


- 1
- 2
- 3
- 4
- 5

- 6

- ڪتابي سمالوچنا " هندواسي "
- جهولي لعل : ڪجھ تازا سنڌي ڪتاب

“ •Sangat” quarterly by (SANA)

•VEENA SHRINGI FIGHTING FOR A CAUSE

- بڪ ٽائيٽل پيج

---

**ڪتاب بابت**

منهنجا معصوم سچڻ

(مونو لاگ)

وينا شرنگي

By ©Veena Shringi
First Edition : 1989
Price Rs. 35.00/-

**انتساب**

ڪئيڙو مست پرينءَ جي ناز مونکي
وسريو روزو ناهي ياد نماز مونکي

حضرت سچل سرمست

**وينا شرنگي**

**نظم**

تاريخ جي ڪروٽ سان
زماني جي گردش سان
ڪئَي قومون ۽ هستيون

مٽجنديون رهيون
اُپرنديون رهيون
ڪمال ۽ زوال
جي چڪر ۾
پسجنديون رهيون
پر
جا قوم
وقت جي ستم ظريفيءَ سان
پنهنجي ئي هٿان لٽجندي رهي،
ڪُسجندي رهي
تو ڏٺي
...... پر ...... پر
ان کي ڏٺو اڻ ڏٺو
تو ڪيو مون ڪيو
.گڏ زماني پي ڪيو

**ليکڪا پاران**

منهنجا معصوم سچڻ " ڪنهن هڪ وينا يا وشال جي داستان نه آهي، پر اِنساني زندگيءَ جا اَلڳ اَلڳ روپ آهن. "
"منهنجا معصوم سچڻ" ڪهڙي وينا جو اِظهار آهي اُن کان ناواقف آهيان جا مون کان منهنجو وجود ڦُري رهي آهي. جيئن پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي تيئن وڌ ويڙهيءَ جيان منهنجي ٻاهرين شخصيت کي پاڻ طرف گهليندي پئي وڃي. هن تصنيف جو جنم اوچتو ٿيو. هڪ ڏهاڙي مان ۽ منهنجي تنهائي پنهي جي وچ ۾ ٽٽَين آواز جي ديوار...... ان ٽٽَين آواز سان گفتگو سان ٿيو. "منهنجا معصوم سچڻ" جو جنم.
پنهنجي قلم جو پورهيو حضرت سچل سرمست کي منسوب ڪري رهي آهيان جنهن حق جي صدا بلند ڪئي ۽ ناحق خلاف آواز اُٿاريو. ڪنهن هنڌ چاٽايو ويو آهي ته سچل سرمست (936600) نو لک ڇٽيهه هزار ڇهسؤ شعر لکيا. شاديءَ جي ٻن سالن کانپوءِ سندن گهرواري گذاري وئي ۽ هڪ پٽ جو اولاد ڇڏي ويئي تنهن کانپوءِ شادي ڪانه ڪيائون ۽ تنهائي پسند رمضان شريف جي مهيني ۾ هن فاني جهان کي الوداع ڪيائون. سچل سرمست اِنساني استحصال جا پيانڪ روپ ڏٺا .هئا ۽ قلم ذريعي اُنهن چهرن کي بي نقاب ڪيو جن مذهب جي ناءُ تي اٻوجهه ۽ معصوم عوام جو استحصال ڪيو. هٺ ٺوڪيل مذهب جي ٺيڪيدارن جيڪي مذهب جي ناءُ تي فتنو ۽ فساد ڪرائيندا هئا، جن غلط تشريحن ذريعي فتوائون ڏيئي انصاف جو قتل ڪيو، معصوم عوام جو استحصال ڪيو سچل سائين اُنهن خلاف آواز اُٿاريو "سچو سچو نام چوي".'
.سچائيءَ جو آواز ٻڌي ڪوڙ واءِويلا ڪرڻ لڳو .... پر.... پر.... اُنهن لاءِ سچوءَ جو جواب هو
ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، "
" .آئون جو هي آهيان سو هي آهيان
(سچل)
اِها حق ۽ ناحق جي ويڙهه ڪالهه به هئي ته اڄ به جاري آهي ۽ آئيندي به رهندي، صرف چهرا ۽ نالا بدلجندا رهن ٿا.
غيرت جو وتن واعظ (Individual) سچائيءَ جي اظهار تي نام نهاد غيرت مندن جي غيرت پڙڪو کائي ٿي اُٿي. انفرادي غيرت جو سوال ٿو اُٿي ته "ڪاريءَ هيٺان ڪانوَ" وانگر پڇن. (Collective) ڪندا. پر جي جاتيءَ ۽ ٻوليءَ جي مجموعي شريف اِنسانن جي اڪثريت جو دادگير اقليتي ٽولي طرفان استحصال.... ان جا نوان نوان طور طريقا ايجاد ڪيا ويا آهن.
اِنسان ۽ شيطان وچ ۾ اِها جنگ پيڙهي در پيڙهي هلندي پئي اچي. دنيا جو اِهو دستور پئَي رهيو آهي ته سرحدي ڦهلاءُ جي هٻڇ ۽ پنهنجي حاڪميت جو سڪو جمائڻ لاءِ حاڪمن تلوار جي زور تي پنهنجي ڌاڪ جمائڻ لاءِ پنهنجي مخالف جاتيءَ

ڪشي ڪري اُنهن کي اقليت ۾ آندو آهي ۽ جابر پاڻ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انهن جي تهذيب ۽ ٻوليءَ کي ختم -جي نسل ڪرڻ جا نت نوان طور طريقا اپنائي ان قوم کي لتاڙيو آهي، پنهنجي هٺ ڌوڪين چمچن دلالن ۽ احمقن کان پنهنجي شان ۾ قصيدا لکارائي پنهنجي تاريخ جوڙي آهي.
ڪشيءَ جو نئون انداز اپنايو آهي. سماج سيوا، ٻولي، تهذيب و تمدن جي -اڄ اسان وٽ به اقليتي استحصالي ٽولي نسل يعني نرسنگهار جو نئون Genocide واڌاري ۽ ٻوليءَ جي ناءُ تي چهرن تي مکوٽا چاڙهي، جاتيءَ جي نسل ڪشي يعني انداز اپنايو آهي. اِهو ٽولو رات ڏينهن گهر ۾ ڪاٺ هڻڻ ۾ جٽيل آهي. انهن جي ڪاتي پنهنجي شڪار کي آهستي آهستي ذلت ۽ عذاب ڏيئي نڍال ۽ مرٽينگه حالت تائين پهچائي پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿي ان ننگي ناچ کي جديد الفاظن جي چادر سان ڍڪي نوان نوان خطاب ڏيئي ڪردارڪشيءَ جي غيراِخلاقي تفريح ماڻي رهيو آهي. مٿان اها صدا بلند ڪري رهيو آهي ته اسين چاهيون ٿا ته اسان جي اکين ٻوٽڻ کان پوءِ جاتيءَ لاءِ ڪو مشعالي راهبٽي، جاتيءَ جي شمع روشن ڪري. اسين پنهنجا امانتدار ڇڏڻ چاهيون ٿا جيئن اسان جي ڪو جاءِ والاري. غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي چاليهن (40) سالن کان پر اڃان تائين گدي نشين چوندڙ واري ڪهني رسم نئين انداز سان جاري آهي. ان واعظ جو پڙاڏو ....مٿي عرصو ٿيو پر ايڏو ته زوردار آهي جو سچائيءَ جو حليم آواز دٻجي وڃي. اِهو لڏو صرف تعبيدار ته پيدا ڪرڻ چاهي ٿو پر تخليق ڪار نه.... اگر ڪنهن قلم جو پورهيو ڪيو ۽ اِن سان محبت ڪئي ته واسينگه نانگ وانگر ڦڻ ڪڍي ڏنگي ڇڏيندا جن جا چهرا زهر اُتڻ وقت ڪاراٿيو وڃن.
منهنجا معصوم سچڻ" هن تصنيف ۾ ڪردار ڪڏهن ڪهڙو لباس اوڙهي ڪڏهن ڪهڙو اوڙهي مخاطب ٿيا آهن. "روپ " بهروپ" چوٽي آهي "ست ڪوئا ڪائي ٻلي حج تي هلي". انهن ٻلن جا منهن خون سان رڱيا پيا آهن. پر وقت جي وچوٽيءَ سان خون خشڪ ٿيو وڃي جنهن خشڪ خون کي ڏسڻ لاءِ عقاب واري اک کپي. ڪي انتها پسند ته ڪي ترقي پسند، ڪي ابوجهه، ابلا جو ته ڪي ڪاليءَ جو ڪي خوددار ته ڪي ظالم ۽ مظلوم ۽ ڪي راوڻ ته ڪي اِنسان ۽ فرشتا.... سڀ اِنسان.... ها اِنسانن جو اِنسانن هٿان استحصال.... اِنسان ۽ استحصال وچ ۾ ڪشمڪش.
اِنسانن طرفان پيدا ڪيل دشوارين ۽ حالات جي چيڀٽ کي زندگي جي ادا ۽ انگڙائي پائنَي نظرانداز ڪري هيٺ مٿاهين سان منهن ڏيڻ جي جريت ڪري پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڳاٽ اونچو رهيو آهي. پر.... پر.... نادر وقت زندگيءَ کي لتاڙي کي تڪليف ڏيندڙ ماضيءَ جو لباس پهرائي پنهنجي ڪاميابيءَ تي پيانڪ ٺهڪ ڏنا آهن. ڏک سک (Present) حال ڪاميابي جاڪوڙ ۽ جستجو لباس بدلائيندي بدلائيندي ڇهري تي وقت جون ليڪون نڪري نروار ٿين ٿيون.

گوري توتي گهنج پيا،
يا روپ ڏنو رهنبوٽو ري،
هاءِ جواني جهوٽو ري.
( اياز )

جڏهن به شدت سان محسوس .سچڻ مان هتي اِهو ضرور قبول ڪندس ته ادب جي ماڻ، ماپن پئمانن کان اڻ چاڻ آهيان ڪيو اٿم ته وقت به وقت اِظهار ڪيو آهي ۽ وري جذبا ڪا شيءَ ته آهن ڪو نه جو سينگهاري سنواري پيش ڪجن يا ملهه پنهنجي جذبن جو قلم ذريعي اِظهار ڪيو آهي. قلم کي زنجيرن ۾ جڪڙڻ کان باز .ڪٽڻ لاءِ خريدارن اڳيان پيش ڪجن رکيو آهي، پر ڇڙواڳيءَ جي ڪڏهن اِجازت نه ڏني آهي. هڪ ته ريڊيو جي نوڪريءَ جون مصروفتيون ۽ پڇ پڇان مٿان وري ٻئين عالمي لطيف ڪانفرنس، جو هن وقت شاهه سچل ساميءَ جي سجدي ۾ ڪنڌ جهڪيل.

والي وسائيج درمنديءَ جو ديس، "
پرين مون پرديس اُٺي ايندم اوڏڙا.
( سچل )

وقت جو منهن موڙڻ، مٿان ڪتاب جي اشاعت اجمير ۽ دهليءَ جي اڄ وچ ۾ فاصلو طئه ڪندي لفظن جي اڙنگي راهه جي وڪڙ ۾ واٽ وڃائڻ خبر نه آهي ان سان ڪيترو انصاف ڪيو اٿم، بس واڳ ڏٽيءَ جي وس آ.
مان انهن بي شمار سڄڻن جي شڪر گذار آهيان جن جي پيغامن ۽ دعائن سان اِظهار پختگيءَ جي راهه تي گامزن آ.... ۽

پنهنجي همٿ افضائيءَ سان، منهنجي قلم جي پورهئي جو قدر ڪيو آهي ۽ آئيندي به نيڪ خواهشات ۽ دعائن سان همٿ ڪرايو Print افضائي ڪري تعاون ڏيندا. مان مانور راجڪمار آريه جي شڪرگذار آهيان جنهن جي تعاون سان ڪور .آهي ۽ گڏوگڏ پرشوتم ٽلواڻيءَ ۽ وشني گربخشاڻيءَ جي به جن ڪي ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ تي خوشي ٿيندي آهي
منهنجا معصوم سچڻ" هي ڪا صرف منهنجي نه پر سچڻ تنهنجي زندگي آ.... منهنجي زندگي آ.... اسان سڀني جي زندگي " ....سمايل آ
اِنشاءَ الله! ڪهاڻين جي مجموعي "اڌ کولين اکين" سان پر ڪليءَ دل ۽ ذهن سان قلم ذريعي وري ملاقات ٿيندي. تيستائين .اِجازت وٺي رهي آهيان

سدائين گڏ

**وينـا شرنـگـي**

**منهنجا معصوم سچڻ (ناول)**

**1**

" ڪير؟ "
" اِمان "
" تون؟ "
" اِها، مان "
" پر به تون ڪير؟ "
" .مان ڪير؟ نه ٿي سڃاڻين. تنهنجو دوست "
منهنجو دوست؟ "
" اِها "
" .پر مون ته ڪڏهن توکي ڏٺو ڪونه آهي "
" ڏٺو ڪونه آ "
" .نه! توسان گفتگو ڪونه ڪئي آهي. ڪڏهن ملاقات ڪانه ٿي آهي "
" ....منهنجي ملاقات، توسان زندگيءَ جي هر موڙ تي هر چوڙ تي ٿيندي رهي ٿي. نه صرف اڄ پر "
" پر.... پر.... پر.... به تون آهين ڪير؟ "
" اِمان "
" ها تون آهين ڪير؟ "
" .ٻڌايانءِ "
" اڙي بابا، ٻڌاءِ ڪري ته تون ڪير آهين؟ "
" ٻڌايانءِ "
" اِئين ماٺ چو ٿي ويو آهين؟ سسپينس چو پيو پيدا ڪرين؟ پنهنجو نالو چو ڪين ٿو ٻڌائين؟ "
" .مان! مان آهيان استحصال "
" استحصال "
" .ها تنهنجو دوست استحصال "
" .شوشڻ " " ، پرماريت(Exploitation) نه نه نه....نه....نه..... استحصال يعنيٰ "
اڙي واه! مون ته سوچيو هو منهنجي نالي جو تون پورو تلفظ به صحيح اُچاري نه سگهندينءَ. پر، آءُ مختلف زبانن ۾، "

جنهن ناءُ سان ڪوٺيو وڃان ٿو، اُنهن نالن جي به توکي ڄاڻ آهي. هاڻي ته توکي مونکي سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي نه ٿيڻ گهرجي، ته
" مان تنهنجو دوست آهيان. ڪيئن ٺيڪ آهي نه؟
چا پيو بڪين! تنهنجو دماغي توازن ته بگڙيل نه آهي. منهنجو دوست ۽ تون؟ تنهنجي ناءَ کان ئي مونکي نفرت آهي ۽ "
" .وري دوستي ته پري جي ڳالهه رهي
" .........اڙي! ڪمال ٿي ڪرين. نه صرف تنهنجو دوست، عزيز ۽ جگري دوست پر پڳه مٽ يار "
ڇي ڇي ڇي ......ڇي....ڇي........ چا پيو بڪين! مان چوان ٿي پنهنجي زبان کي لغام ڏي پنهنجي ناپاڪ زبان سان "
" .دوستيءَ جهڙي پاڪ رشتي کي بدنام نه ڪر

" .اڙي ها! مان ته اِهو ٻڌائڻ ئي ڀلجي ويس ته مان نه صرف تنهنجو عزيز دوست آهيان پر.... پر...... مائٽ به آهيان "
واه! جناب واه! هاڻي دوستيءَ کان اڳتي وڌي مائٽيءَ جو ناءُ بخشي رت جو رشتو قائم ڪري رهيو آهين. تو جهڙن "
" .مڪارن ۽ دغابازن کي پنهنجو مائٽ تسليم ڪندي پاڪ زبان ناپاڪ ٿي ويندي
" ......اِئين نه چئه. مان پاڪ آهيان، پوتر آهيان -مان! ۽ ناپاڪ؟ نه ٻيلي نه "
" .ڀونگي....... اول توکي پاڪ جي معنيٰ اچيئي ٿي. تون چا ڄاڻين پاڪ ۽ پوتر لفظ مان "
ها.....ها.....ها..... ها ها ها...... ها..... " (ٺهڪ) "
" .يا الله! منهنجي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي ويندا. مان چوان ٿي بند ڪر پنهنجا اِهي ڀيانڪ ٺهڪ "
.منهنجا ٺهڪ توکي ڀيانڪ ٿا لڳن پر مونکي يقين آ ته تون مون سان عشق، محبت ۽ پيار ڪيو آهي "
ڇي!! عشق، محبت ۽ پيار تو جهڙيءَ شخصيت سان؟ اهڙين شخصيتن کي مان پنهنجي گهر اندر ته چا پر دروازي "
" .کڙڪائڻ جي به اِجازت نه ڏيان
پر مان ته تنهنجي گهر اندر تنهنجي سامهون ويٺو آهيان. مان ته بنا دروازي کڙڪائڻ جي اندر پهچي ويو آهيان ۽ وري "
اِجازت وٺي اچڻ جي به ڪهڙي ضرورت آهي؟
مان ته ڪم ۾ مصروف هيس نه ته توکي گهر اندر داخل ٿيڻ نه ڏيان هان. جن ناپاڪ هٿن سان دروازو کوليو اٿيئي اُهي "
".هٿ پچي ڇڏيانءِ هان. تنهنجي اهڙي دردشا ڪيان هان جو شينهن مرد به هيسجي ۽ هراسجي ڏندين آڱريون ڏين ها
مان هرگز اِهو نه چاهيندس ته .اڙي....اڙي... تون ته ناراض ٿي رهي آهين. غصي ڪرڻ سان صحت تي اثر پوندو آهي "
ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن سان غيرن کان به وڌيڪ بدسلوڪيءَ !تنهنجي صحت خراب ٿئي. پلا وهڻ لاءِ نه چوندينءَ؟ خير
ٺيڪ آهي، مان پاڻ ئي ٿو ويهي رهان ۽ مان وري اهڙين رسمن ۾ اعتقاد به نه رکندو آهيان، -جو وهنوار ڪيو ويندو آهي
".مونکي ناگوارا نه لڳندو
ڏس، ڏس تون گستاخ ٿيندو ٿو وڃين، حد اُورانگي رهيو آهين. منهنجي صبر ۽ تحمل جو پيالو پر ٿي رهيو آهي. تون "
منهنجي سڀاءُ کان واقف نه آهين. ۽ ها! اڃا ماڻهن کي وري ڪيئن ڄاڻ پوندي. تون منهنجي غصي ۽ مزاج کان ناواقف
".آهين. اِنهيءَ ڪري اهڙي حرڪت ڪري رهيو آهين. تون اِن گستاخيءَ جي انجام کان اڃا ڄاڻ آهين
مان! مان ۽ اڃا ڄاڻ !! مان تنهنجي غصي کان چڱيءَ طرح واقف آهيان." (ٺهڪ) "
" اڙي....اڙي هيءَ چا پيو ڪرين. تنهنجو دماغي توازن ته بگڙي نه ويو آهي؟ "
نه بلڪل نه. منهنجو دماغ صحيح سلامت آ! مان نه صرف تنهنجي غصي، پر پيار کان به واقف آهيان. تڏهن ته هتي "
تنهنجي
" .سامهون وهڻ جي جريت ڪئي اَٿم. مونکي ڄاڻ آهي ته تون مون سان بي حد پيار ڪرين ٿي
پنهنجي زبان کي لغام ڏي. پيار ۽ توسان؟..... ڏس ڏس..... منهنجي قريب اچڻ جي ڪوشش نه ڪر. تنهنجي ان گستاخيءَ "
" .جي اهڙي سزا ڏيندي سانءِ جو تواريخ ۾ به اهڙو مثال ڪونه ملندو
۽ وينا تواريخ ۾ اهو به درج ٿيندو ته پنهنجي عزيز دوست کي دل ڏاريندڙ سزا ٻڌائي وئي. مونکي سزا ملڻ تي نه صرف "
" ....... منهنجو پر تنهنجو به يعنيٰ اسان ٻنهي جو نالو قلم بند ڪيو ويندو ته پنهنجي پيار کي

" مان چوان ٿي پنهنجي زبان تي قابو رکه. "
" ها ها.... ها ها ها ها......ها ها ها............. ها "
" اگر تون ريڊيو تي ناٽڪن لاءِ voice ڏيڻ لاءِ اچين ته مان توکي audition الله ! بند ڪر پنهنجا اِهي خوفناڪ ٺهڪ، test لاءِ به ۾ فيل ڪري ڇڏيان. ڀيو ته پري رهيو، پر راوڻ جي ڀيانڪ ڪردار لاءِ گهربل خوفناڪ آواز
توکي approve نه ڪريان. راوڻ جا ٺهڪ به توکان سريلا هوندا. "
"اڙي سگهڙ سنڌياڻي ! تون ته پاڻ کي سمجهو سمجهندين آهين ۽ ڪيترا توکي ذهين ۽ قابل سمجهندا آهن. "
" بيوقوف -۽ تو ڇا سمجهيو آهي "
" ويهه آرام سان ويهه، Relax, relax, take it ها..... اڙي نه. پر خبر نه آهي ڇو اڄ تو سمجهڻ ۾ ايتري دير ڪئي آهي؟
easy ڇڏ ڪاوڙ غصو
" Relax, please relax, Cool down. چئَين ته فرج مان تو لاءِ ڪولڊ ڊرنڪ ڪڍي اچان
" مان relax ته تڏهن ٿينديس جڏهن توکي ڌڪا ڏيئي ڊرائنگ روم مان ڪڍنديس. منهنجي گهر ۾ داخل ٿي، مونکي ئي
مهمان بڻائي رهيو آهين. توکي ميزبان بڻجڻ جو حق ڪنهن ڏنو؟"
" اڙي ان ۾ حق ۽ جريت جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو خود ئي ميزبان جو شرف حاصل ڪرڻ چاهيندو
آهي، پوءِ پنهنجي گهر ۾ نه سهي ته دوستن جي گهر ۾ ئي سهي. ڀلا منهنجي ميزبان واري ان ڪردار کي قلم ذريعي نه بيان
ڪندينءَ ؟ "
" ڇي! تو جهڙي ناپاڪ جنس کي قلم ذريعي بيان ڪري قيمتي ڪاغذن جو نقصان ۽ قلم کي ناپاڪ نه بڻائڻو اٿم. "
" ماشا الله ....... واهه !!! ........ واهه !!! ......... واهه !! .......... واهه! واهه!!! " (تاڙيون)
" هاڻي پنهنجي تاڙين جي ٺهڪن کي بند ڪر. منهنجي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي پوندا ۽ اکين اڳيان ٽري وڃ.
" اڙي واهه! تون ته چوندين آهين ته جيڪو محسوس ڪندين آهيان اُن جو اِظهار ڪندي آهيان. تو ته سماج جي نظرن ۾
ڪريل عورت تي به قلم ذريعي اِظهار ڪيو آهي. "
" عورت کي ان درجي تائين پهچائڻ لاءِ جوابدار ۽ ذميوار حالات ۽ ماحول آهي. جنهن ۾ سماجڪ بنڌن، انڌا قاعدا قانون،
ريتيون رسمون، مالي مجبوريون، مردن جي حوس يا عورت جو عورت خلاف جذبو، حسد، ريس ۽ هوُس اچي ٿيون. ۽ مان
اُن سچائي اِظهار ڪرڻ ۾ نه هچڪچائيندي آهيان ۽ نه ئي گهبرائيندي آهيان. "
" ڀلا ! اڄ زندگيءَ جي ان سچائيءَ ۽ حقيقت کي ڇو نظرانداز ڪري رهي آهين؟ جڏهن تو ۾ ايتري جريت آهي ته پوءِ مون
کان ڇو ٿي گهبرائين؟ تون سماج کان ڊڄي رهي آهين يا ماحول کان، يا تنهائي کان يا وري پنهنجو پاڻ کان خوف ٿيڻ لڳو
اٿيئي؟ تون سچائيءَ کان منهن موڙي رهي آهين. مونکي نه صرف اُميد آهي، پر يقين آهي. اعتقاد آهي ۽ پورو ڀروسو آهي
ته تون مون تي پورو ديوان لکي سگهين ٿي. "
" مونکي تو جهڙيءَ شخصيت تي ديوان لکڻ جي ضرورت نه پوندي. تنهنجي ذات کي مان صرف ٽن لفظن ۾ بيان ڪري
سگهان ٿي 'ناپاڪ' 'ذليل' ۽ 'بدصورت'. "
" ها ها ها.... ها..... ها. ڇا ته تشبيهون ڏنيون اٿيئي. واهه!!!! واهه!!! واهه!! واهه!.... ڪمال ڪري ڇڏيو. وينا ذرا اِهو به ٻڌاءِ ته ڇا ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جي شفقت ناپاڪ ٿيندي آهي؟ ڀينرن ۽ ڀائرن جو قرب ۽ پيار جو ناتو
ذليل ٿيندو آهي؟ ڇا دوست احباب سماج بدصورت آهي؟
" نه..... ..... بلڪل نه ..... ... پيءُ ماءُ جي پيار ۽ پوتر خون جي رشتي کي ناپاڪ بڻائڻ، ڀائرن ۽ ڀينرن جي محبت ۽
ڀائيچاري جي جذبن کي ذليل ڪوٺڻ، دوست ۽ عزيزن کي بدصورت بيان ڪندڙ اکين کان انڌا، گندي زبان وارا پنهنجي
اکين کي ٺيڪ ڪر، پنهنجي زبان جي ذائقي جو صحيح سواد وٺڻ لاءِ ڪنهن حڪيم ۽ طبيب جو سهارو وٺ"
" مومل! مان ڪنهن به سهاري جو محتاج نه آهيان. توهين ئي وقت به وقت منهنجو سهارو وٺندا آهيو. "
" مهرباني ڪري منهنجو نالو اُنهن ماڻهن جي فهرست ۾ نه شامل ڪر. "
" محترمه اُن فهرست ۾ تون به شامل آهين. وقت به وقت موقعو مهل ڏسي اِنسان منهنجو سهارو وٺي اڳتي وڌندو رهيو

" .آهي، تون ڪو فرشتو نه آهين
" .... .... ڏس ڏس ... ... ڏس ... پنهنجي زبان سنڀال. مون جهڙو ڪو "
" مون جهڙو ڪو نرم دل ۽ خوش مزاج اِنسان توکي ڪونه ملندو؟ "
"..مان مضبوط دل ۽ سخت مزاج واري آهيان نه ڪي "
اُهو ته مجيم مزاج گرم لڳندو آهي. پر پٿر دل پوئيان ڪنهن نرم ۽ نازڪ جذبن کي ڪونه ڏٺو آهي. خود تون اُنهن کان "
اڻ ڄاڻ بڻجڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهين. پنهنجو پاڻ سان ناٽڪ. خير! مان اُن فهرست ۾ تنهنجي پوزيشن پنتي ڏکي
ٿو چڙيان. تون خوددار آهين...... پر جڏهن وقت ساٿ ڇڏي ڏيندءِ ته تون زور شور سان اُن فهرست ۾ شامل ٿيڻ جي
" ........پر تنهنجو آواز، تنهنجي قوت ڪمزور بڻجي چڪا هوندا تڏهن پنهنجو پاڻ تي -ڪوشش ڪندينءَ
تون پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکه........ جناب هوش سنڀال. ڇا پيو ڳالهائين؟ مان ته سوين جنمن تائين به اُن ۾ شامل ٿيڻ "
" .جو نه سوچينديس. تون ته هن پيڙهيءَ جي ٿو ڳالھ ڪرين
" .اِها ڳالھ ته برابر آهي. تون ته ڇا هر اِنسان ان فهرست ۾ شمار ٿيڻ پنهنجي گهٽتائي ۽ توهين سمجهندو آهي "
مان نه ٿي پانئيان ته ڪوئي اِنسان توکي سچاٽندي به اڻ ڄاڻ بڻجي توکي اپنائيندو. ڪي اِنسان آدرشن ۽ اُصولن جا پڪا "
" هوندا آهن، ايمانداري ۽ سچائي اِنهن جي منزل مقصد رهي ٿي. پلا، اُهي ڇو اڻ ڄاڻ بڻجندا؟
" .اُهي منهنجو سهارو نه ونى پاڻ سان وشواس گهات ڪندا آهن "
" .تو شايد وڏڙن جو اُهو پهاڪو ڪونه ٻڌو آهي "
" ڪهڙو؟ "
" .انڌيءَ جي ٻار کي الکه جي رکه "
اڙي وينا! ڪلجڳه جي زماني ۾ تون الکه جي ڳالھ ڪري رهي آهين. وڏڙن جو دؤر ست جڳه جو دؤر هو. ڪلجڳه ۾ "
".بندي کي الکه جي نه پر ماڻهن جي ضرورت آهي
" .اجا اُهو منحوس دؤر ڪونه آيو آهي "
خير ٻين جي ڳالهين کي پاسيرو رکون، جي توکي دنيا جهان جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪندس ته تو وٽ وقت ڪونه آهي، "
تون چوندينءَ مونکي ڊيوٽيءَ تي وڃڻو آهي، منهنجي رڪاربنگه آهي، "خطن جا جواب" ڏيڻا آهن، "سڄڻ توکي خبر
" .وغيره وغيره .ڪهڙي" پيش ڪرڻو آهي
" .ڏسين نه ٿو ڇا؟ اجا هيڏيون ساريون اَخبارون پڙهڻيون آهن، تنهنجي فالتو ڳالهين ٻڌڻ جو مون وٽ وقت ڪونه آهي "
" .تون معصوم آهين "
"مان ۽ معصوم! جناب ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي؟ "
واه! نه صرف معصوم، پر حسين ۽ شوخ به. جهڙي انداز سان نگاهون ڪٽي زلفن کي جهٽڪو ڏيئي گفتگو ڪري رهي "
" .آهين
" .........مان ......... چوان "
" .مان توکي ڪيئن سمجهايان منهنجا معصوم سڄڻ "
" .سيئي مونکي معصوم نه بلڪه تيز چوندا آهن "
" .خير! منهنجو سيني سان ڪهڙو لڳه لاڳاپو "
هر وقت پيو نيتائن وانگر بيان .چو! تون ته مختلف روپن ۾ هر ڪنهن جي قريب آهين، پوءِ لڳه لاڳاپوڪيئَن نه آهي "
" .بدلين
صرف توسان واسطو آهي. اِنهيءَ ........وينا! تون ته اتي مان پئي وار ڪيين. هن وقت منهنجو صرف توسان........ ها "
ڪري مان پنهنجو رايو ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. دنيا ڪجھ به چوي پر مان توکي معصوم چوندس. چهرو ۽
" ......... دل
معصوم ۽ پاڪ خيال ٿيندا آهن، عورت جي سونهن، چهرو نه بلڪه اِخلاق، عزت ۽ آبرو ٿيندي آهي. صورت نه پر "

" .سيرت چئَه
(ٺهڪ) ها .... ها .... ها .... ها ها ها ......... متان اڄ جي دؤر ۾ اِها ڳالھ ٻئي ڪنهن اڳيان ڪرين، سيئي چريو چوندءِ. "
" تون بابا آدم جي زماني جي ته نه آهين؟
جي Boldness مان......... مان توکي بابا آدم جي زماني جي ٿي لڳان.... مان اهڙي محڪمي ۾ ڪم ڪندي آهيان جتي "
" ........۽ اڏ ٻڌن کن Boldness .ضرورت پوي ٿي
Boy نه .... نه..... اهڙي ڳالھ نه آهي ......... پر الائي چو ماڻهن کي اِئين لڳندو آهي ته نوڪري ڪندڙ ڇوڪرين جا "
" .ضرور هوندا آهن Friends

## 2

" ......... ۽ وري معصوم سچڻ تنهنجي دل کولي ٺهڪڻ ڏيڻ تي ماڻهن کي لڳندو هوندو "
هڪ پيري هڪ جناب سان اهڙي ئي موضوع تي گفتگو ٿي ته دفتر ۾ ڪم ڪندڙ -مان توکي ان ٺهڪن جو قصو ٻڌايان "
نوڪري پيشي واريون عورتون تيز ٿين ٿيون ۽ وري جيڪا ڪپڙو لٽو چڱو ڪري ان عورت لاءِ ڪوڙن قصن ۽ الزامن
...............جا ته ڍير.......... " يعنيٰ
اسين اُن ابلا تي رحم کائيندا آهيون "
جا اڄ جي دؤر ۾ خودداريءَ جو پلاند پڪڙي آدرشن جي واٽ وٺندي آهي
" .اُن جي اچي اُجري پلاند کي الزامن جا ڪلنڪ لڳائي ڪارو ڪندا آهيون
" .هڪ طرف مون سان نفرت ڪري رهي آهين ۽ ٻئي طرف جيءَ سان جڪڙي رهي آهين "
" ...........ڇـي "
" ..........مون سان تنهنجي اِها نفرت ئي تنهنجو وڏو ڏوھ آهي. جنهن جي سزا "
" ڏوھ ۽ سزا !!؟ "
" .ڪان ناواقف آهين Plus points تنهنجو سڀ کان وڏو ڏوھ اِهو آهي جو تون پنهنجي شخصيت، پنهنجي "
" .ڪان بخوبي واقف نه هجان Plus & Minus Points ڪمال ٿو ڪرين!؟ مان ۽ پنهنجي شخصيت ۽ پنهنجين "
" .اگر تون بخوبي واقف هجين ها ته اُنهن جو جوڳو استعمال ڪرين ها "
" .جي ڳالھ ڪري رهيو آهين Minus Points ۽ Plus خبر نه آهي تون ڪهڙين "
" .تنهنجي صورت "
" منهنجي صورت !!؟ "
ها تنهنجي صورت، هار سينگار، ڪپڙو لٽو، چهري تي خوشيءَ جا تاثرات ۽ ٻاهرين شخصيت جو من سان تضاد غلط "
" .فهمين جو شڪار بڻائين ٿا
" .تنهنجو مطلب آهي ته پنهنجي پسند نا پسند کي ترڪ ڪري ڇڏيان. اگر اِهو تضاد آهي ته ڪن اُصولن جو آهي "
" ...... سمجهو تو "
" ڇا؟ اصولن سان "
" ها "
" ............... نه نه "
" .نه نه ته پوءِ زندگيءَ جو قيمتي سرمائيو وقت کان اڳه شعلن جي حوالي ڪري ڇڏ "
" .تنهنجو مطلب آهي جڏهن چهري ته وقت ليڪون ڪڍي، دکه درد ڀيانڪ وار ڪن، يا پنهنجي ڇاپ ڇڏين "
" .ها "
" .تڏهن ئي رحم کائي هٿ وڌائيندا "
" .بلڪل، ديا کائي "

" .نه اُهو وقت نه ايندو "
تضاد' سان ناٽڪ ڪرڻو ئي 'ته پوءِ ڪلجڳه جي دؤر ۾ فرشتن جو اِنتظار ڪر، جيڪي توکي ڪونه ملندا. توکي ان "
" .پوندو
هيءَ دنيا حقيقت کي تسليم نٿي ڪري. گيتا ۾ چيل آهي ته پاڻ ئي خرچ ضرور ڪرڻ گهرجي. خبر اٿئي ته ڪنجوس، "
"لوپي ۽ وشواس گهات ڪندڙ ڪهڙي جوڻ وٺندا؟
" ......... ها ها ........... ها ها "
" ... اهي نادانيون ڇڏ ... ۽ -اهي صرف دل کي آٿت آهن. ڪنهن کي خبر ڪير ڪهڙي جوڻ وٺندو "
" .نه نه اهڙو سون ئي گهوريم جيڪو ڪن ڇني "
" .ٻه واٽون آهن "
" وجودِ زن سي هئه تصويريه ڪائنات ۾ رنگت "
" .عورت جو رنگه روپ "
" .دشمن آهي "
".اگر ان کي دشمن قرار ڏين ٿي ته ٻي واٽ ٻڌي وٺ "
" .چهري تي ڏک مايوسيءَ جو اِظهار ڪري همدردي ۽ فائدو "
" اِهو فريب آهي "
" 'Diplomacy' 'فريب نه ...... 'حرفت' 'فن "
" .تنهنجو مطلب آهي عورتن لاءِ وچين واٽ وٺڻ گناهه آهي "
" .ان وچينءَ واٽ ۾ تڪليفون آهن، هيٺ مٿاهيون آهن.......... ۽ آهن ڏکه، سُور ۽ مصيبتون "
" .نه بلڪل نه...... وچين واٽ ئي زندگيءَ ۾ توازن برقرار رکي ٿي "
" .ٺاهه ٺوهه ۽ اها صورت به عورت جي دشمن آهي "
" .دشمن نه پر سچڻ چئه ۽ تون پنهنجي سچڻن کي ڌڪارين ٿي "
اِها صورت وقت جي سانچي ۾ ايترو جلد ڍلجي وڃي ٿي، جو پوءِ صورت تي ناز ڪندڙ نازنينون پنهنجي ئي خواهش ۽ "
.آئيني ۾ وقت جو ليڪون چهري تي ڏسي خوفزده ٿين ٿيون .خوشين جا لاش جهڪيل ڪلهن تي ڍوئيندي لڙڪ لاڙين ٿيون
"
" پر تون اُن منزل تي پير پائڻ کان اڳه ئي اُنهن جي پاونائن کي ڪيئن ڄاتو؟ "
" .اگر تنهائيءَ ۾ پاڻ ۽ پنهنجو 'وجود' خود ئي آئينده جو درپڻ ڏيکاريندو -جو مان خود عورت آهيان "
" اڙي ها ! اِهو ته ٻڌاءِ جنهن جناب سان تنهنجي اُن موضوع تي گفتگو ٿي اُن سان ٻي ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي؟ "
Boy ماڻهن جا اهڙا ويچار ڏسي مون کي لڳي ٿو ته مون لاءِ به اهڙا گمان ٿيندا هوندا ته ٻه ٿي -مون اُن جناب کي چيو "
تنهنجا ٿهڪ تنهنجي شڪل ڏسي هڪ ٻن جو نه بلڪه ڊزن -ته ضرور هوندا. اُن تي خبر اٿيئي اُن جناب وراڻيو Friends
.ڪن جو گمان ٿئي ٿو. جنهن تي پوري محفل کلي ڏنو
اِها ته غلط ڳالهه چئبي. اِئين ته ڪيترا ماڻهو ملندا. ۽ آفيس ۾ گڏ ڪم ڪن ٿا، ان جو مطلب اِهو ٿوريئي آهي ته اُنهن سان
دوستي ٿي وئي ۽ وري نوڪري به اهڙي جو سون ماڻهن سان واسطو پوي. برا ڀلا، حرفت باز، نيڪ، رحمدل، شريف ۽
" .وغيره وغيره
" .تو صحيح فرمايو سپيئَي مون جهڙا دوست ٿوريئي هوندا "
اِهو ئي تنهنجو نالو آهي نه؟ تو "چو! تون پاڻ کي وري نيڪ ٿو پائين ڇا؟ تون وري ڪهڙو ڇڱو مڙس آهين "استحصال "
.جهڙن حرفت بازن کي ڇڱيءَ طرح سڃاڻان. مون اهڙي کوهه جو پاڻي پيتو آهي جنهن جو تون ترو به نه لهي سگهين
" ڪهڙي کوهه جو؟ پنهنجي ڳوٺ شهداد ڪوٽ واري کوهه جو ڇا؟ "
ها! اِئين ئي ڪري سمجهه شهداد ڪوٽ واري کوهه جو پاڻي پيتو اٿم ۽ لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال جي پاڻيءَ جي امڙ "

" درجا ! "

" درجا يعنيٰ Class Systemها درجا، هن وقت مونکي اُن لاءِ صحي لفظ تلاش ڪرڻ جي فرصت ڪانه آهي. تو نه ٻڌو آهي؟ برهمڻ ۾ به ٻاري ٻاونجهائي، گوسائين وغيره وغيره اِهي گهٽ درجي وارا برهمڻ ٿين. ڪي ته گوشت، مڇي، شراب وغيره واپرائين. اسان جو تعلق اونچي درجي واري طبقي سان آهي. "

" ان جو مطلب ته تون اِنسان اِنسان جي وچ ۾ فرق پائين ٿي High Class Brahmin family يعنيٰ. "

" نه نه، بلڪل نه. اِنسان ته خدا جي خلقيل اولاد آهي. اسين سڀ برابر آهيون. مالڪ ساهه ته سڀني کي هڪ جهڙو ڏنو آهي. پوءِ ڀلا اِنسان اِنسان وچ ۾ فرق ڇو؟ اِها ڳالهه صحيح آهي ته بندو الڳه الڳه جاتين ۾ پيدا ٿئي ٿو پر منزل ته هڪ آهي نه؟ مان ته ٻه اَڪيائي ۾ بلڪل يقين ڪونه رکندي آهيان. "

" ته پوءِ شادي..........؟ "

" اَڙي ......... شاديءَ وارو معاملو تمام نازڪ ٿيندو آهي. منهنجو پيءُ ٺيڪ ئي ته چوي ٿو برهمڻن جي رهڻي ڪهڻي الڳه ٿيندي آهي. "

" ته ڇا تنهنجي پيءُ ٻين ٻارن جون شاديون ٻيءَ ذات وارن ۾ نه ڪرڻ جو پڪو اِرادو ڪيو آهي. "

" ......ها.... جي ........ جي جي....... جي اصل حالات "

" اڙي توهان تمام سٺو ٿا ڪريو. برابريءَ وارن ۽ اعليٰ ذات وارن ۾ ئي شادي ڪرڻ گهرجي. ان معاملي ۾ اوهان جو خاندان اِهو مثال ضرور قائم ڪندو. وري تيڪهين صديءَ ۾ پراچين روائتين کي برقرار رکڻ ڪو سولو ڪم ٿوريئي آهي. "

" نه نه.........نه اهڙي ڳالهه نه آهي اِئين ته منهنجي پائرن واٽين جي خاندان ۾ فارينر يعنيٰ عيسائين جي خاندان مان شاديون ڪيون آهن. پر پٽن ۽ ڌيئرن ۾ ته وڏو فرق آهي. "

" اڇا! اڇا!! صرف پٽن جون ئي شاديون ڌارين جاتين ۾ ڪيون اٿائون. پائي اُهي ٿيا مرد ۽ وري اسان جي سماج ۾ مردن کي ڪهڙو مهٽو. مون توکي چيو نه هو ته تون معصوم آهين. تون ٻڌائڻ ڀُلي وئي هوندينءَ. "

" ...... در اصل...... مان ...... مان ...... مان "

" گهبرائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي وينا تون حجاب نه ڪر. ڌيئَرن جون شاديون پنهنجي ذات وارن ۾ ڪيون اٿو، تمام سٺو ڪيو اٿو -مبارڪون هجنوَ. "

" ......ها ..... ها ..... ها..... نه نه..... نه........ در اصل هڪ برهمڻ آهي ۽ ٻيو "

" ۽ ٻيو ...... ٻيو سنڌي آهي. "

" نه نه ........ ائين نه آهي، پهريون به سنڌي نه آهي. "

" ڇو؟ پنهنجي ٻوليءَ سان پيار نه اٿوَ ڇا؟ خير جيڪي ڪيوَ، سٺو ڪيوَ. برهمڻ ته آهي نه؟ جي ٻيءَ ذات وارو ٿيو ته ڇا ٿيو؟ اونچي جاتيءَ سان ته واسطو اٿس ۽ ٻيو...... "

" ٻيو ...... ٻيو ته برهمڻ به نه آهي. "

" اللهه واٽيو ...... توهين برهمڻ، ته پوءِ تنهنجي پيءُ جي اکه ۾ ته ضرور ڪکه چپيو هوندو. "

" ڪافي سالن کان پريشاني ۽ اُلجهن رهي ۽ گهر جي ڀاتين جي زور بار ۽ حالت ۾ جڪڙجي ويا ۽ وڏي ڳالهه ته اڄ ڪلهه شاديءَ جو مسئلو ايترو ته مشڪل ٿي پيو آهي جو....... جو مائٽ پريشان ٿي ٿا وڃن. مان ته چونديس فيصلو ڪري سٺو ئي ڪيائون. "

" يعنيٰ ڌيءُ ڪڙي ڪيائون. "

" نه... نه.... نه..... ڌيءُ کي ڪڙو نه پر پيار ڪري آباد ڪيائون. "

" ۽ ٻي.... اُهو به ضرور اوهان وانگر زميندار هوندو. تنهنجي پائرن وانگر عاليشان عمارت ۾ آباد يعنيٰ مالدار جي گهر وئي هوندي. "

" نه مالدار ته نه، پر غريب به نه آهن، مڇي مانيءَ وارا آهن. گهر جو گاڏو تمام سٺو پيو هلين. "

" يعنيٰ ٻئي ڏيئَر ڪڙيون ڪيائون ۽ توکي؟ "

" مان! اڄ ڪلهه اهڙو دؤر آهي جو ملي جهلي ڪم ڪجي. نه صرف گهر ۾، ملڪ ۽ قوم جي واڌاري ۾ به پنهنجي ڪردار ذريعي تعاون ڪجي. ڀارت به يُورپ وانگر ٿي ويو آهي. مرد چاهي عورتون سڀئَي ڪم ڪن ٿا. منهنجي پيءُ کي ڌيئَرن جو نوڪري ڪرڻ اصل نه وڻندو آهي. مون ۾ ڏاڍو موهه اٿن. عزت آبرو جو خيال، غير مردن سان ڳالهائڻ هنن کي پسند نه آهي. "

" ٻين ڌيئَرن لاءِ ڀلا ڇو نه ٿا اِئين سوچين، اُنهن کي ڪوَڙو ڪيائون ۽ توکي وڏيڪ ڀائيائون. "

" نه نه اِئين نه آهي، آخرڪار اولاد ته برابر هوندو آهي. "

" يعنيٰ، مونکي پيار جي روپ ۾ اپنايائون؟ "

" ڇي تون ۽ پيار! تون ڇا ڄاڻين پيار جي قيمت. "

" خير! پيار نه ته ممتا. "

" ممتا !! اول ممتا لفظ جي معنيٰ خبر اٿيئَي؟ "

" تون ڇا ڄاڻين ممتا جي ساگر کي. منهنجي امڙ جي جتيءَ ۾ ڪير به پير نه پائي سگهندو. "

" ممتا اِنسان کي ڪمزور بڻائي ڇڏيندي آهي. نه صرف تون پر پٽر دل به پگهرجي سچائيءَ کي تسليم ڪرڻ کان ڪنارو ڪندو آهي. خير تنهنجي همٿ کي پست ڪرڻ جو اِرادو نه آهي. مان تنهنجي امڙ جي نالي ڪجهه نه چوندس. هونءَ به عورت ۾ قرباني جو جذبو اٿاهه ٿيندو آهي. بهتر سماج تخليق ۾ عورت جو نمائيان ڪردار آهي. سماج شيوا جو مطلب ئي قرباني آهي. "

" ۽ ها مان توکي ٻڌايان منهنجو اُن طرف لاڙو ۽ اِهو جذبو مائٽن وٽان ئي مليو آهي. "

" ۽ قربانيءَ جو اَمڙ وٽان اِئين نه ؟ "

" عورت ته ٿيندي ئي درياهه دل آهي، پنهنجي سيني ۾ ڪئَي سور سمائي ڇڏي، پيار جو ساگر ديا جي ديوي ڪروٽا جي ۽ .....مجسم ۽...... "

" ۽ وقت اچڻ تي ڪڏهن 'ڪالي' ته ڪڏهن 'جهانسي جي راڻي' ڪڏهن 'نوري نماڻي' ته ڪڏهن حب_ الوطني، سادگي ۽ وفا جي مورت 'مارئي'. بلڪل، عورت اِنهن سڀني روپن جو سنگم آهي. اِنهيءَ ڪري خبردار جو منهنجي اَمڙ جو نالو ورتو اٿيئي. "

" ڀلا تنهنجي ڀائرن جو نالو ڳنهڻ ته منع نه آهي. "

" سڀئَي سکيا ۽ ستابا آهن. پنهنجن ٻارن ٻچن سميت خوش آهن، خوشحال آهن، هنن کي ڏٺيءَ اٺو، لٺو، اڄهو سڀ ڪجهه ڏنو آهي. "

" ۽ تون ؟ "

" ۽ مان ! مونکي وري ڪهڙي پريشاني آهي. مان، مان بي انتها خوش آهيان، خوش نصيب آهيان، اِهو نه صرف منهنجو پر سوين سڄڻن جو چوڻ آهي. "

" مون به توکي ان ڪري چيو تون معصوم آهين، خوبصورت آهين. "

**3**

" محنت خوبصورتيءَ جو ٻيو نالو آهي، محنت ڪش اِنسان جي ڪاميابي ۽ پورهيو خوبصورتيءَ جو روپ ڌاري چهري تي عيان ٿيندو آهي. هرو ڀرو چهرو ۽ رنگه روپ ئي سونهن نه آهي. مون محنت، لگن ۽ سچائيءَ سان پنهنجي مقصد کي هميشه حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪئَي آهي. اِهو هرڪو تسليم ڪندو. "

" ڏٺئَه ڏٺئَه.........نه اُنهن جي تسلميت تنهنجي طرفان بي اونو ٿي 'تسڪين' جو روپ اِختيار ڪيو، يعنيٰ توکي پاڻ ئي جستجو ذريعي مقصد ۽ منزل تائين پهچڻ جي خطاب سان نوازي ۽ پنهنجو وقت بچائي ڪٽنب جي ترقي، خوشي ۽ خوشحاليءَ ۾ مست، مگن ۽ لين آهن. "

" .نه نه، اهڙي ڳالهه ڪانه آهي. مون تي وقت اچڻ تي ڊال ٻڻجي ويندا "

" .هيل تائين گهڻا ڀيرا ڊال ٻڻيا آهن "

" مونکي ڪڏهن اُن جي ضرورت ئي نه پئي آهي. مان، مان، پاڻ ئي بردباريءَ سان صورتحال جو مقابلو ڪري وٺندي آهيان. "

" اِهو ته ڏسڻ ۾ اچي پيو. جنهن انداز سان ڳاڻ اوچو ڪري پنهنجي باري ۾ اِظهار ڪري رهي آهين، ان مان ئي ظاهر آهي. "

" خبر اٿيئي منهنجا به پائر ولائت ۾ آهن، اُنهن جو سٺو ڪاروبار آهي. پنهنجا بنگلا اٿن، مڇيءَ مانيءَ وارا آهن، مونکي چوندا آهن، تون وات مان اَکر ته ڪڍ، اسين اچي حاضر ٿيندا سين. "

" ۽ حاضر ٿيا هوندا؟ "

" .نه نه ! مون ڪڏهن هنن کي چيو ئي نه آهي "

" چو؟ توکي چوڻ گهرجي. وقت ته هر ڪنهن تي ايندو آهي. اِئين نه آهي ته تون ڪا عام اِنسان کان الڳه ٿلڳه يا نرالي آهين. "

" .تون صحيح ٿو فرمائين. پلا لکڻ مان ڪهڙو فائدو؟ وڏي ڳالهه ته پهچڻ ۾ ايترو وقت لڳندو جو اُهو وقت ئي نڪري ويندو "

" .يعنيٰ توتي وقت اچڻ واري گهڙيءَ تي، هنن جي غير موجودگي رهندي "

" نه نه هرو ڀرو اهڙي ڳالهه نه آهي. زندگيءَ ۾ پيا به ڪيترا موقعا ايندا آهن، جن تي پنهنجن جي موجودگي سهڻي لڳندي آهي. منهنجو ولائت وارو وڏو ڀاءُ هميشه لکندو رهيو آهي ته هاڻي اسان جي گهر ۾ تون ئي آهين، ڏسجانءِ تنهنجي گهر آباد ٿيڻ واري وقت اسين سڀ ملي ڪري اهڙو ته ڌوم ڌام سان جشن ملهائيندا سين جو مٺ مائٽ ريس ۽ هوُس ڪندا. "

" .يعنيٰ پنهنجون پوريون خوشيون تو مٿان نڇاور ڪندا. اڄ ڏينهن تائين توکي اِنهن مالامال ڪري ڇڏيو هوندو "

" پر مون اڄ ڏينهن -مون ته هنن کان ڪڏهن ڪجهه گهريو ئي نه آهي. مونکي هميشه لکندا آهن تون وات مان اکر ته ڪڍ تائين هنن کان ڪجهه گهريو ئي نه آهي. خبر نه آهي چو مونکي پنهنجي لاءِ ڪجهه گهرڻ 'به منهين تلوار' لڳندي آهي. "

" اِهو تون صحيح ٿي چئين. ڪنهن کان ڪجهه گهرڻ 'به منهين تلوار' آهي. 'پلي بکه پرم جي شل نه وجي شان' پر پنهنجن تي ته حق ۽ فرض هوندو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته ضرورت هر ڪنهن کي پوندي آهي. اِئين چئه ته پنهنجين خواهشن جو اُنهن اڳيان اِظهار ئي ڪونه ڪيو آهي. "

" .تو شايد اُهو پهاڪو ڪونه ٻڌو آهي "

" ڪهڙو ؟ "

" .ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي "

" .پر اڄ ڪلهه جي دؤر ۾ ولائتي مال جو ايڏو ته جنون آهي، جو اُن ڪريز کان پلا ڪير آجو آهي "

" برابر اِئين ته ٿورو گهڻو ڪريز رهي ٿو ۽ مان به ڪا اُن کان آجي نه آهيان ۽ وري هو اچن ته پاڻ سان ڪانه ڪا سُوکڙي پاکڙي کنيو اچن. وڏي ڳالهه ته مان پنهنجي پسند واريون شيون پنهنجي ولائت واري دؤري دؤران ڪٺي آئي آهيان. وري ايڏو سامان ڪيڏانهن کڻو. اِئين ته هر ڀيري اچڻ کان اڳه فون تي پڇن ته توکي ڇا کپي. منهنجو ولائت وارو وڏو ڀاءُ چوندو آهي 'پئسو کپي هٿ جي ميل آهي. تنهنجو هڪڙو لڙڪ لکن جي مٺ آهي، اصل نه لاڙ مان تنهنجي اکه ۾ ڳوڙهو ڏسي نه سگهندس. "

" لڙڪ هڪڙو تنهنجي اَکـه ۾،
مـون جـي اِئين اٽـڪيل ڏنـو،
رونـي ڏنـم اُن حـال تـي. "

" .ڇا اِهو تنهنجي ڀاءُ جو تو لاءِ اِظهار هو "

" نه نه اِهي لفظ ته هن وقت اِئين ئي لبن تي اچي ويا. منهنجو ڀاءُ ضرور اِئين ئي محسوس ڪندو هوندو نه؟ "

" .مطلب ته جذبا هن جا اِئين ئي هوندا "
ها، خبر اٿيئَي مون ڪٿي پڙهيو هو ته ڇوڪرن ڇڙڻ سان اکيون خوبصورت بڻجي وينديون آهن. اُن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن "
" .اکين مان لڙڪن جون لڙيون لڙڻ گهرجن
" تڏهن تنهنجون اکيون ايڏيون سهڻيون پيون لڳن. ايڏا لڙڪ لاڙيا اٿيئَي ڇا؟ "
" .هل ڪوڙا، منهنجون اکيون ڪي سهڻيون آهن؟ اجا نڪ سهڻو آهي "
جي تنهنجون اکيون سهڻيون نه آهن ته پوءِ تو ڪڏهن لڙڪ ئي نه لاڙيا هوندا ۽ وري مردن لاءِ پئَسو ڪبي هٿ جي ميل "
" .واري تنهنجا ڇوڙها ڏسي اُن هٿن جي ميل ذريعي ڇوڙها اکين مان لڙڻ ته ڇا پر اُنهن کي ترڻ به نه ڏنو هوندو
ائين پلا ڪيئَن ٿيندو. ڏکه ۽ سکه، مسڪراهٽ ۽ لڙڪ زندگيءَ جو حصو آهن. صرف هر فرد جو الڳه الڳه پئَمانو "
هوندو آهي. ڪن جو گهڻو ته ڪن جو ٿورو، ڪن جو من اندر ته ڪن جو وري من کان ٻاهر اکين مان موتيءَ جي لڙي
" .لڙي ڳلن تي ماڪ جي ڦڙن جيان ٽمڻ لڳي
" .ڪر ته خبر تنهنجا موتي من اندر، يا من کان ٻاهر "
" تو ڇا محسوس ڪيو؟ تون ئي ڪري ٻڌاءِ، منهنجي چهري تي ڇا ڏٺئَه؟ "
-اِهو ئي "
لڙڪ هڪڙو تنهنجي اَکـه ۾، "
مـون جـي اِئين اٽڪيل ڏٺـو،
" .روئـي ڏنـم اُن حـال تـي
" .جڏهين ڇوڙها ڇڙندا هوندا ته هو غير حاضر هوندا ۽ جيستائين پهچندا تيستائين لڙڪن جون لڙيون خشڪ ٿي وينديون
اڙي جناب تون ته بلڪل ديوانو آهين، ديوانو. منهنجي ڳالهه سمجهين چو نه ٿو؟ لڙڪ ۽ مرڪ هر اِنسان جي زندگي ساڻ "
جڙيل آهن. زندگي به سج جي ٻن پاڇن جيان آهي. ان کان ڪير ٿو پلاند ڇڏائي سگهي ۽ وري لڙڪن جو ڪو وقت ٿوريئَي
مقرر ٿيندو آهي. خبر نه آهي ڪهڙي وقت ٻن بادل برسات وانگر برسي پون. ته ڇا هر گهڙي ۽ هر وقت منهنجي اکين
ڏيئَي نهاريندا رهن، روزمره جي ڪم ڪار کي تلانجلي ڏيئَي اکين ۾ اکيون وجهي ويٺا رهن. ۽ وڏي ڳالهه ته مان گهر ۾
" .وهان ڪٿي ٿي
" .پوءِ ته تون به پنهنجن جي دک سک کان ناواقف هوندينءَ "
ائين پلا ڪيئَن ٿو ٿي سگهي. ڪوئي گهر جي ڀاتين جي جذبن کان اڻ واقف رهي سگهي ٿو؟ ڪي اڻ ڄاڻ هوندي ۽ ڪي "
" .ڄاڻندي به اڻ ڄاڻ بڻجندا آهن
" تون ڪهڙي ڪئَٽگريءَ ۾ آهين "
" .الله! تون ته "مچڏو" آهين "
" .يعنيٰ توکي اُنهن جي دک سک جو احساس آهي. تون اُنهن جي جذبن کان واقف آهين "
ٻيو نه وري ڇا؟ هڪ واريءَ منهنجي وڏي پيڻ جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. مون هن جي ڳلن تان ڇوڙها اُگهندي چيو "
هو "مان تيستائين سک جو ساهه نه کڻندس جيستائين تنهنجي اِها خواهش پوري نه ڪندس." منهنجي ننڍ ڦٽي پئَي ۽ مون تڏهن
وڃي سک جو ساهه کنيو جڏهن سندس لبن تي مسڪراهٽ ڏٺم. چهري تي سڪون ڏٺم. ساڳيءَ طرح ٻيءَ پيڻ جي مقصد
حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيم. جنهن ڳالهه تي فخر ۽ ناز اٿم جو اهو مقصد پلئَه پيو. جستجو ڪرڻ کانپوءِ
" .نتيجي جو جيڪو ڦل ملي ٿو اُن جو مزو ۽ نشو ئي نرالو آهي
" .يعنيٰ تو منهنجو سهارو ورتو "
" مطلب؟ "
" .مطلب صاف آهي. ڪاميابي، ناموس، واه! واه!! ۾ منهنجو تصور "
" .نه نه نه ..... اهڙي ڳالهه نه آهي "
مظلوم " ته ڪي "  "نه آهي؟ ڪيئَن نه آهي. ڪي منهنجو سهارو ڪهڙي روپ ۾ وٺن ٿا ته ڪي ڪهڙي روپ ۾. ڪي "

حرفت باز " ٻڌجي ته ڪي " نماڻا ۽ ننڍا "، ڪي " تشدد " ته " جابر " ڪي " گدا " ٿي ته ڪي " فقير " ٻڌجي، ڪي ته " .فرشتي " جو اوتار ٻڌجي ته ڪي "شيطان" جو چوغو پائي "ڪي " اهنسا" ۾ ڪي

" .تون ته صفا ڳالهين جو ڳوٺ آهين ڳوٺ! ڪٿان جي ڳالهه ڪٿي وڃي هنڌ ڪئي اٿئي "

ها اِهو ئي چاڻان چاهيندس هاڻي هنن جو وقت صرف تو لاءِ ئي هوندو آهي. تو -جتي چوڙ ٿيڻو آهي اُتي ئي هنڌ ڪئي اٿم " " .لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏينديون هونديون

" برابر مون لاءِ ڪنديون ؟ "

" ڪنديون!! ڪنديون ڇو ڇئي رهي آهين. ڪن نه ٿيون ڇا؟ "

در اصل هنن کي ڪي مجبوريون آهن. پنهنجو گهر ڏسڻو اٿن. منهنجي خاطر گهر جو سڪون ٿوريئي وڃائينديون. "

آخرڪار هنن جو پنهنجو سنسار آهي ۽ ها وڏي ڳالهه هنن کي پنهنجي پتي پرميشور جو به خيال رکڻو پوي ٿو. اول پنهنجو " .اهو ته دنيا جو دستور آهي -گهر گهاٽ ڏسڻو پوي ٿو

" پوءِ تون پنهنجي نندِ ڇو پئي ڦٽائين؟ "

مان! ۽ پنهنجي نندِ ڦٽايان، ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي. مونکي ته آفيس جي ڪمن کان ئي فرصت ڪانه آهي. وڏي ڳالهه " " .ته مون لاءِ موڪلن ملڻ جو مسئلو آهي

" ڇو؟ ٻيو اسٽاف ڪونه آهي ڇا؟ "

" .نه نه ٻيو اسٽاف ڇو نه آهي ائين ته ٻيا به آهن "

" پوءِ توسان موڪل جو مسئلو ڇو؟ "

سچڻ توکي خبر ڪهڙي، خطن جا جواب تيار ڪرڻا ٿا پون، تبصري جو ترجمو، رڪاردنگه وغيره وغيره وغيره لڳل آهي ۽ " " .ان وغيره وغيره ۾ گهڻا ئي ڪم لڳل آهن

"ڇو؟ وغيره وغيره لاءِ ٻيو ڪو ماڻهو ڪونه آهي ڇا؟ "

ان لاءِ ڪئزئيل هئنڌ ته بوڪ ڪندا آهيون پر تڏهن به فرمائشي خطن وغيره جو مسئلو ٿيو پوي. ڪن جا نالا غلط ٿين ته " افسوس ٿئيم ڇو جو ويچارا ٻڌنڌڙ پنجن ڇهن روپين کان مٿي پئسا خرچ ڪري لفافا لکن. وڏي ڳالهه ته سنڌ جا ڪيترا ٻڌنڌڙ ڏور علائقن جي ڳوٺڙن، واهڻن ۽ بستين ۾ آباد آهن ۽ ڪئي ڪلوميٽر پيري پنڌ اچي پرواري ڳوٺ جي پوسٽ آفيس مان ٽڪليون ۽ لفافا وٺن. پنهنجي پگهر جي پورهئي جي رقم مان ورتل ٽڪليون ۽ وقت سيڙائي جذبن جو اِظهار ڪن. گهٽ ۾ " .گهٽ اُنهن جي قلم جي پورهئي جو احترام ته ڪرڻ گهرجي

"اِها همدردي ته سٺي آهي پر وغيره وغيره ۾ ٻيو ڇا؟"

" .ٻيو توکي سمجهه ۾ ڪونه ايندو جو نشريات جو معاملو آهي "

" .ڇو مونکي ڇڻ ريڊيو جي ڄاڻ ڪانه آهي؟ مان ته هر هنڌ موجود آهيان "

"ڇو؟ تون الله آهين ڇا جو هر هنڌ حاضر ناظر آهين؟ "

آخرڪار زندگيءَ جي شطرنج ۾ ڪي .نه الله سائين ته نه آهيان پر ائين دين دنيا جي حرفتن کان به اڻ واقف نه آهيان " ۽ "بادشاه". بادشاه جي حڪم تي مهرا ٻڌجي مختلف چالون هلون ٿا. ""پيادا" آهن ته ڪي "وزير" ۽ اُنهن مٿان "راڻي زندگيءَ جي ان شطرنج ۾ ڪو ڪٿي ٿو ته ڪو هارائي ٿو ۽ شطرنج جي چال لاءِ دماغ کپي حرفت کپي، ۽ انهن چالن جي وڪڙ ۾ اچي، فنڪارن جا ڪانٽريڪٽ روانا ڪرڻ، چيڪ تيار ڪرڻ اُنهن جي سهوليت لاءِ پنهنجو شخصي ٽيليفون " ..........استعمال ڪري ياڻ کي ٿوڪي لڳائڻ وغيره وغيره اِهي ئي ته

" .ڪانٽريڪٽ موڪلڻ منهنجي جوابداري ڪونه آهي. اِهو ته ائڊمنسٽريشن جو ڪم ۽ جوابداري آهي "

تون ته پرفارمنگه آرٽيسٽ آهين اِها ته پروگرام ائگزيڪيوٽوَ جي جوابداري آهي. ۽ تون اهڙي ڳهيلي آهين جو پنهنجي " زر ۽ وقت جو نقصان پئي ڪرين يعني تون پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ ۽ تعاون ڪرڻ جي روپ ۾ مونکي اپنائڻ جي " .ڪوشش ڪئي

" .نه نه ........... نه نه نه اهڙي ڳالهه نه آهي "

'' ٻولي يا فن سان ٻين ڪمن جي پيٽ ۾ وڏيڪ نپائي سگهجي ته ان ۾ ڏوهه ئي ڪهڙو آهي؟
پنهنجي ٻوليءَ سان نپائڻ واري اِنهيءَ جنون ئي ته توکي پنهنجين انڪريمينٽس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. پلا ''
'' .توکي يونٽ جي مصروفيتن مان فرصت ملي ته تون پڄ ٻڪ ڪري پنهنجي ترقيءَ ۾ واڌاري لاءِ جاکوڙ ڪرين
در اصل منهنجي آفيسرن مونکي ڏاڍو زور پريو منهنجي محنت ۾ شونق کي ڏسي منهنجي همٿ افزائي ڪئي. ٻئَي ''
'' .ڪنهن هنڌ نوڪري ڪرڻ کان منع ڪئَي
'' ..... جي توکي ايترو پائيندا آهن ته توکي ڊپارٽمينٽل پروموشن ۾ انڪريمينٽ به ضروري ڏياري ''
'' .نه مان ان کان محروم رهيس ''
'' ......چو؟ ان چو جو شايد تو وٽ جواب ڪونه هوندو. تنهنجو ڪو گاڊفادر ڪونه هوندو ۾ وڏي ڳالهه ته ''
مون پنهنجي آفيس جي ڪم ۾ ڪڏهن ڪا ڪوتاهي ڪانه ڪئَي آهي. ڪي ته اڪيلي سر اهڙا پروگرام ڪيا آهن جو ''
'' .انهن جو رڪارڊ رهندو
وفادار" لقب ڏيارڻ تي "يعني ايماندار ۾ محنتڪش ملازم جيڪو پنهنجي حق جو معاوضو نه وٺي ڪري پاڻ کي صرف ''
راضي رهي ۾ واه! واه!! ٻڏي تسڪين ماڻي ۾ ڪم جي فڪر واري جنون ۾ مبتلا انسان کي مان "خودغرض" قرار ڏيندو
'' .آهيان
لڳي ٿو -خود غرض ! پاڻ کي تڪليف ڏيئَي ڪم ڪرڻ خود غرضي آهي. هيءُ ته "لڏ به ڏي ته لڏائي به" . اُلٽو اِلزام ''
'' ."چوڏس جو چنڊ" ڏٺو اٿم. هڪ ٻئي مٿان الزام پيا لڳن
'' .جيستائين "خودي" "خودداري" جو دامن اوڙهيل رهندءِ، تيستائين "چوڏس جي چنڊ" واري سزا ملندي رهندءِ ''
'' .وويڪ کي وڍي زندگي گهارڻ نه صرف مشڪل پر محال آهي ''
'' .ته پوءِ هر نئَين صبح سان نون ڪلنڪن جي آمد لاءِ تيار ٿي ''
'' .پر صبح ڍلجي شام ۾ پير پائيندي رات جي اونداهيءَ ۾ به ته غرق ٿيندو آهي ''
: وينا ...... پر ...... پر ...... ان اونداهيءَ کان اڳ ۾ ''
اسين ان اپلا تي رحم کائيندا آهيون ''
جا اڄ جي دؤر ۾ خودداريءَ جو پلاند پڪڙي
.آدرشن جي واٽ وٺندي آهي
اُن جي اڇي جري پلاند کي
الزامن جا ڪلنڪ لڳائي
ڪارو ڪندا آهيون
۽ منزل تي پهچڻ کان اڳ
ان کي راهه رباني اُماڻيندا آهيون
'' ....... چو ته
'' ....... توکي ته هر ڳالهه ۾ ''
محترمه مونکي هر ڳالهه ۾ حقيقت نگاري نظر اچي ٿي. مان ان کي سيوا جي پاونا چوندس. بس! هاڻي ته خوش آهين. ''
'' .جيڪا تنهنجي پيءُ ماءُ ۾ به آهي
مان پنهنجي امڙ ابي جي ته جتيءَ ۾ به پير ڪونه سگهنديس. پر اِها ڳالهه صحيح آهي ته منهنجي پيءُ ماءُ غريبن جي ''
'' .خذمت، محتاجن ۾ بي مددگارن جي مدد ڪري سماج سيوا ۾ نيڪ ڪمن ۾ پنهنجي پوري زندگي صرف ڪئَي
'' .جنهن جو نتيجو کين ضرور مليو هوندو ''
'' نتيجو؟ ''
'' .اڙي نتيجو نه ڦل چوان ''
'' ! ڦل ''

" قُل به نه چوان ته پوءِ ان کي رواردِ جو لقب عطا ڪيان يا احترام ۾ مان سمان چوان. جيڪو تنهنجي ابي امڙ کي ضرور ملبو هوندو. "

" منهنجي امڙ ابي کي ڪهڙو رواردِ مليو. اُلٽو هنن زندگيءَ جو وڏو عرصو پنهنجي ٻارن کان پري گذاريو پنهنجو وقت مينهن جهڙ پيو ته پيو -تتيءَ ٿڌيءَ -پين جي حوالي ڪيو. جڏهن ڏس ڪنهن نه ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر ٻاراماهي ڏڻ تي به پيا جن ڪنهن نه ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر گذاريو. اچ تائين پڙدي پنيان ننڍڙي ڳوٺ ۾ گمناميءَ جي زندگي گهاري رهيا آهن. ڳوڻائي چون توهان جو ئي آسرو آهي ورهاڱي کان پوءِ به هندستان لڏي ڪونه اچي سگهيا. "

" ڇو ؟ "

" پنهنجي جنم ڀومِي ۾ ابن ڏاڏن جي پکن پيرن ۾ ڪڙيون وجهي ڇڏين. نه ته ورهاڱي وقت لڏين ها ته هتي اسان سپني جو سنڌو آئينده ٿئَي ها. 1947 ۾ اسان جو مامو ڪَسٽوڊين هو. انهن سنڌ جي ملڪيت جي عيوض دهليءَ جي پاش ڪالوني سندر ننگر ۾ پلاٽ ۽ جمنا پار زرعي زمينون وٺي ڏنيون. انهن جو هڪ فصل به ڪنئَيائون. اج انهن جون قيمتون چوٽ چڙهيل آهن. ان کان علاوه حيدرآباد دکن جيڪو هن وقت آنڌر پرديش ۾ آهي، ان جي هڪ نواب سان ملڪيت جي مٽا سٽا جو سؤدو به پڪو ڪري ڏنائون. پر پيا جن انهيءَ جي باوجود سڀ ڪڇ حاصل ڪرڻ کان پوءِ به ترڪ ڪري واپس شهدادڪوٽ هليا ويا. "

" ڇو ؟ "

" هنن چيو سنڌ مان لڏ پلاڻ عارضي آهي. هرڪو واپس موٽي ايندو. نه صرف پاڻ رهيا پر پاڻ سان گڏ پين ڪيترن ڪٽمبن کي لڏڻ کان منع ڪيائون. "

" ٺيڪ ته ڪيائون هندوستان نه وڃڻ مان ڪهڙو فائدو؟ دهليءَ جي مال ملڪيت ڇڏي پاڪستان پنهنجي خذمتن جو اجورو حاصل ڪرڻ لاءِ موٽي آيا هوندا ؟ "

" يعني "

" يعني! اِهو ته تنهنجي پيءُ کي هندوستان نه وڃڻ ۽ پنهنجن پکن سنڌ جي سرزمين سان پيار " جيجل سنڌ " کي سيني سان لڳائڻ جي عيوض رواردِ نه عطا ڪيو ويو. "

" ڪهڙو رواردِ؟ -رواردِ "

" 1965 جي هند -پاڪ جي جنگ ۾ ٽي مهينا سکي سينٽر جيل جو اُماٽيو ويو. "

" اُها ته ........ "

" اُها ته احتياط واري نظربندي هئَي -اِهو ئي نه. "

" اُن وقت گرم هوا هئَي ماحول ۾ فرقي پرست زهر ڦهلائي رهيا هئَا. هندن سان گڏ ڪيترا مسلمان به هئَا ڪيترا -بلڪل سرحدي صوبي بلوچستان جا اڳواڻ به نظربند ڪيا ويا. اِهو عمل، چند گندن ۽ سماج دشمن عناصرن ۽ فرقي وارانه نفرت ڦهلائيندڙ تعصبين ۽ ديوانن جي شرارت، هو. "

" وينا ان ۾ سنڌي مسلمانن جو هٿ ڪونه هوندو؟ " " مان ائين ته نه چونديس ته سنڌي مسلمان ڪونه هئَا . ڪو طبقو ضرور شامل هو؟ "

" خير پوريءَ قوم کي ڏوهي ٺهرائڻ غير مناسب ٿيندو. جنم ڀومي ۽ ٻوليءَ لاءِ پيار ته سڀ کان مٿي آهي. ڪن ۾ گهٽو ڪن ۾ ٿورو. "

" اِنهيءَ ڪري ته مون توکي چيو ته مان الڳه الڳه روپن ۾ مؤجود آهيان. "

" پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب سان پيار ڪا خودغرضي ٿيندي آهي؟ "

" منهنجا معصوم سڄڻ توکي ڪيئَن سمجهايان ؟ "

" مونکي تنهنجي فلاسافي سمجهڻ جي ضرورت به نه آهي. اسان جي تهذيب قديم ۽ عظيم آهي. جتي سپيتا جو سورج سڀ کان پهرين اُڀريو. اُن تي نه صرف اسان کي فخر ۽ ناز آهي پر پوري دنيا کي فخر ٿيڻ گهرجي. تواريخ نويس اُن کي نظرانداز نه ٿا ڪري سگهن. اُنهن کي سنڌ جو ذڪر ڪرڻو ئي پوندو. "

ڏاهي توکي پل نه هجي. پر انهن نام نهاد سماج جي ٺيڪيدارن کي ته آهي نه.؟ جن جو اصول ڪن جو "ڏيب ڪن جو "
وات" جيڪي تهذيب ۽ ٻوليءَ لاءِ معصوم عوام کي گمراه ڪن ٿا. ان کي زنده رکڻ ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ
ڪوڙو واعظ ڪن ٿا. جن جي ننڍ، صرف منچ جي ڪرسي وٺڻ، گڏجاڻين جي صدارت ڪرڻ لاءِ، قتل رهي ٿي. انعام
اقرام وٺڻ ۽ ڪميشن کائڻ لاءِ منهنجو حد کان وڌيڪ سهارو وٺن ٿا اهي ان چوٽيءَ ۾ واه جو استعمال ڪن ٿا "پائرن جو
هڪڙو هٿ روٽيءَ ۾ ٻيو هٿ چوٽيءَ ۾." اهو صرف انعامن اقرامن اعزازن ۽ ٻوليءَ تي کائڻ وقت ڪن ناز ٿا پر جڏهن
ڪو خدا جو نيڪ بندو ايمانداريءَ سان سيني کي سڌ ڏئي ٿو ته پوءِ صرف "هٿ چوٽيءَ ئي چوٽيءَ ۾" جيستائين ويچاري
جو تڏو نه ڪٽائين. اُنهن کي ڏينهن رات اُٿندي وهندي منهنجي ضرورت ٿئَي ٿي. ها صرف منهنجي ۽ اُنهن جو رات ڏينهن
هر گهڙيءَ هر پل مونکي ياد ڪرڻ بور ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته پچ ٻڪ ڪندي ڪمزوري به محسوس ڪندو
" ..... آهيان ۽ منهنجي هاڪ ۽ ڌاڪ ايڏي ته وڌڻ لڳندي آهي جو

فڪر نه ڪر اُهو وقت پري نه آهي جو تنهنجو اُهو هاڪ ۽ ڌاڪ جو واريءَ وارو محل ڊهي پٽ پوندو. هيءَ ته سچ ۽ "
ڪوڙ جي جنگ آهي. توکي ۽ اُنهن چند نام نهاد شخصيتن کي به جيڪي قوم ۽ جاتيءَ تي بدنما داغ آهن، مايوسي ۽
ناڪاميءَ سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو. پڙدو فاش ٿيندو ۽ تنهنجو بدصورت چهرو بي نقاب ٿي ويندو. تون تنها رهجي ويندين
" ..... تنهنجو دم گهٽجڻ

منهنجو دم ته پوءِ گهٽجندو پر في الحال پنهنجي ٻولي تفاضت ۽ تهذيب جي دشا تي تنهنجي حالت مان ڏسي رهيو آهيان "
" ..... تنهنجي -ڏس ڏس

" مون ۾ ڇا ڏسي رهيو آهين؟ "

" .اهو ئي "

لـڙڪ هـڪـڙو تنهنجي اک ۾ "
مـون جو انين اٿـڪيل ڏٺـو
" .روئـي ڏنـم ان حـال تـي

" ڪٿي آ منهنجي اکه ۾ لـڙڪ ؟ "

" ...... کٻيءَ اکه ۾ آلاڻ آ "

" .نه نه شايد ڪجھ اکه ۾ پئَجي ويو هوندو "

مـومـل! اکه ۾ ڪجھ به ڪونه ڇپيو آهي، پر جڏهن دل کي ڏک لڳندو آهي ته ويچاري دل جو ساٿ اکه پنهنجي آلاڻ "
" ...... سان ڏيندي آهي پر اِن لاءِ

" .توکي ته هر ڳالھ تي گمان ۽ شڪ رهي ٿو. اِها عادت سٺي نه آهي "

وينا اِها ڳالھ مان توکي اِن لاءِ چئَي رهيو آهيان جو پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي هٿان نڪرندي خوف وچان تواريخ جا "
صوفي شاعرن، شهيدن جي تصنيفن، سوانح نگاري کي ور ور .ورق ورائڻ ۽ ليڪچر ڏيڻ به ته تو ئي شروع ڪيا آهن
" .اِنهن دستاويزن جا ورق ورائڻ شروع ڪيا اٿيئَي .ڪري پڙهڻ شروع ڪيو اٿيئَي

دستاويز نه پر پر مقدس گرنٿ چئَه. جنهن کي تون ليڪچر چئَي رهيو آهين، اُهو ليڪچر نه بلڪه جذبا آهن. اُهي نيڪ "
جذبا قلم ذريعي اِظهار جو روپ اختيار ڪن ٿا ۽ اهڙن جذبن جو هئَڻ به لازمي آهي. پنهنجي ٻوليءَ سان نڀائڻ هر اِنسان جو
" .اِخلاقي فرض آهي

تنهنجي جاتيءَ وارا ڪيتري حد تائين اِخلاقي فرض ادا ڪري رهيا آهن، اِهو هڪ واريءَ تنهنجيءَ دل مان دانهن "
" .نڪرڻ مان معلوم ٿيو

" .ڪڏهن؟ ڪهڙي وقت مونکي ته ياد نه ٿو پوي "

" ...... جي توکي ياد نه ٿو پوي ته مان توکي ياد ڏياريان. لطيف سيمينار دؤران پريشان ٿي توئي ته پنهنجي ڊائري ۾ لکيو "
" .... ته

توهين سپ چامڙا آهيو "
قديم تهذيب ۽ عظيم سپيتا کي به

. چامڙو بٺائي ڇڏيو اٿـوَ
. نه پاڻ ماڻيو ٿا نه ٻين کي ماڻڻ ڏيو ٿا
'' .خير اِهو تمام نازڪ مسئلو آهي ان تي مان وڌيڪ بحث نه ٿو ڪرڻ چاهيان
تون ته صرف هڪ پهلوءَ جو بيان ڪرين ٿو. هڪڙي طبقي جو تجربو بيان ڪرين ٿو. لطيف سيمينار دؤران ڪيترن ''
'' .سڌ ۾ سڌ ڏنو، اُنهن جو تون ذڪر ئي نه ٿو ڪرين
ائين ته دنيا ۾ ڪئَي نيڪ اِنسان اڃان به موجود آهن. توکي ۽ اهڙن نيڪ جذبن وارن هند ۽ سنڌ جي ماروئـڙن ۽ ''
'' .جهانگيئَـڙن کي دعا ٿو ڪريان ته او هين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب وڃو
! آمـيـن
'' ...... ۽ جيڪي منهنجو سهارو وٺي پئَسا ڏيئَي طوفاني رفتار سان پنهنجون تصويرون ڇپائي ۽ سنمان ڪرائين ٿا اُنهن کي
'' ! اُنهن کي شڪست نصيب ٿئَي. آمـيـن ''
'' .اڙي وينا منهنجي جملي پوري ڪرڻ کان اڳ۾ توئي پنهنجي طرفان جملو پورو ڪيو ''
مونکي ڄاڻ آهي ته تون اُنهن جي بچاءُ لاءِ ڪجھ نه ڪجھ اُلٽو سلٽو اِظهار ڪرين ها. اِنڪري مان اهڙي ڪابه ڳالھ ''
'' .ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان
'' .چڱو تون ئي خوش رهه منهنجون دعائون تو ساڻ آهن ''
!! الله
؟ ڇا ٿيو
'' .مري ويس ''
ڇي ! ڇي !! ايترو جلد مرڻ جي ڳالھ نه ڪر. اهڙي نياڳي وائي نه ڪڍ. تنهنجي هٿ جي ليڪن ۾ تنهنجي عمر جي ''
'' .ليڪ تمام وڏي آهي
اِنسان رتيءَ راند مان -بلڪل نه -نـنـڍپـڻ ۾ مونکي مرڻ کان ڊپ لڳندو هو. پر هاڻي نه -مونکي نه ڪپي وڏي عمر ''
نڪري وڃي. الله ڙي منهنجي ڊيوٽيءَ جو ٽائيم ٿي ويو آهي. تون ته ڳالهين جو ڳوٺ آهين. پلجي ويس ته مون ڪنهن کي
'' .رڪارڊنگ لاءِ ٽائيم ڏنو آهي
'' .گهر اندر داخل ٿيڻ وقت مون توکي چيو ڪين هو ته مان تنهنجو دوست آهيان ''
'' .... تون ۽ منهنجو دوست پنهنجي -هل ڙي هل -ڇي ''
'' دوستي ۽ وري ٿو جهڙي جنس سان يعني استحصال سان. اِئين نه ؟ -رڪجي ڇو وئينءَ. جملو پورو ڪر نه -چئَـه نه ''
'' . توکي بار بار پنهنجي نالي ڳنهڻ جي ضرورت نه آهي ''
'' .الڳه الڳه زبان ۾ جيڪي منهنجا ناءَ تو ٻڌايا 'وينو' اُهي هڪ دفعو وري توکي ياد ڏياريندو وڃان ڪٿي پلجي نه وڃين ''
منهنجو نالو تميز سان وٺ وينا شرنگي. 'وينو' ڇوڻ جو توکي ڪو حق نه آهي. مونکي تنهنجي نالن جي ڄاڻ آهي نه ''
استحصال، شوشڻ exploitationصرف مان ياد رکندس پر سيني کي ڇيتاوٽي ڏينديس ته انهن ناون کان ڪنارو ڪن،
'' ...... پرماريت
'' ............ ''
بس بس مونکي ڊپ آهي ته ڪٿي آل انڊيا ريڊيو جي پرڏيهي نشريات تان نشر ٿيندڙ چوويهن (24) زبانن ۾ منهنجو نالو ''
'' ........ نه ڳنهين. مونکي دوست نه ڪري پاڻئَه پر عزيز ئي سهي
'' دماغي توازن ته نه بگڙجي ويو اٿيئَي؟ ''
'' .اگر ايڏو غصو ٿو لڳيئَي ته عزيز نه سهي پر خيرخواه ۽ سڄڻ سهي ''
'' .خيرخواه ۽ سڄڻ وري تو جهڙا؟ مان! مان ته پنهنجن دشمنن کي به حدايت ڪنديس ته تنهنجي سائي کان به پري رهن ''
مون -في الحال سائي کان به پري رهڻ ته پري پر هن وقت تون منهنجي قريب آهين، بلڪل قريب. مون سان محو گفتگو ''
'' .محسوس ڪيو ته دل جا حال اورڻ لاءِ ڪافي ڪوئجي وئي هئَينءَ

" مان ! ۽ توسان حال اوريان. ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي "

" محترمه تون مجين نه مجين پر تو دل کولي ڳالهيون ڪيون ۽ اهڙي ئي انداز سان ميزبان بڻجي مهمان نوازيءَ جو فرض ادا ڪر. "

" ۽ وري سنڌ جي سر زمين جي ته مهمان نوازيءَ جي ته ساکه ۽ هاڪ آهي -اڙي مهمان ته پاڻ وارن جي گهر ايندا آهن ۽ پنهنجو پيٽ ڪٽي به مهمانن جو پيٽ ڀرين. پنهنجي آئينده جي ابن يعني ايندڙ پيڙهيءَ جي منهن مان گرهُ کي مهمانن کي کارائڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺا آهن. "

" يعني ! "

" اِهي ئي تنهنجي سنڌڙيءَ جا سپوت جن ڌارين کي پنهنجي هٿن سان سڀ ڪجھ ڪڍي ڏنو آهي. لطيف سائينءَ جي شعر جو اوهان واه جو اِستعمال ڪيو آهي. "

" سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين. "

توهان عالم سڀ آباد ڪرين جي فڪر ۾ ايترو ته جڪڙجي ويا آهيو جو پوري عالم کي ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيڻ جي نينڊ ڏني اٿو. نه صرف ايترو پر توهان پنهنجي بي بها موڙي ڪراچيءَ کي پاڪستان جي گادي بڻائڻ جي رضاڪارانه آڇ ڪئَي هئَي. سرخرو ٿيڻ جو مزو ته اوهان ماڻيو ...... وري هاڻي ...... هاڻي ته ملڪي گاديءَ مان ڦري بس بين القوامي مرڪز بڻجي پئَي آهي. ۽ توهين پنهنجي ئي گهر ۾ ڳولهيا نه ٿا لڀجو.

واه! سائين واه!! ڇا ته توهان اُن بيت جي آخري سٽ جو استعمال ڪيو آهي.

" سائين منهنجا اچو" توهين اسان جي دين جا پاءَ آهيو. اچي سنڌ ۾ آباد ٿيو. جڏهن امڙ جي سيني تي ايڏو بوجھ وڌو اٿو جو جيجل ويچاري پيڙا ۾ مبتلا آهي، پوءِ سڪار ڪٿان ٿيندو؟ "

" ٿيندو ضرور ٿيندو. اُميدون برثواب ٿينديون. خوشحاليءَ جو نئَون سج ضرور اُڀرندو. "

" نئَون نيــاپــو آيــو راتــي مــلان رات

لڏي سون لطيف چئَي ڪنا ڏاتر ڏات

ڪهڙي پڇين ذات جي آئيا سي اگهيا."

( شــاه )

" آمـيـن ! وينا منهنجون نيڪ تمنائون توهان سان آهن. توکي ته زماني جي واءُ لڳي وئي آهي. تون مهمان نوازي ڪانه ڪندينءَ. ۽ وري مان اهڙين فارمليٽيز ۾ يقين رکان ڪين. تون پل زحمت نه ڪر مان پاڻ ئي وڃي تو لاءِ چانهه ٺو ٺاهي اچان جيستائين چانهه تيار ڪريان تيستائين هان هيءُ پاڻيءَ جو گلاس لبن تي لڳاءِ جو چپ خشڪ ٿي رهيا اٿيئَي."

" ڏس ڏس منهنجي قريب نه اچ خوام خواه منهنجو هٿ هلي ويندو "

" مونکي خبر آهي تنهنجو هٿ هلندو آهي ۽ زوردار نموني هلندو آهي. اِها به ڄاڻ اٿم ته هڪ روڊ روميو جي ڇهري تي اهڙو زوردار هٿ هلايئه جو جناب جي ڇهري تي نه صرف پنج ئي آڱريون ڇمي ويون پر سندس ڇهري تي موجود موهيڙن جي ڦاٽي پوڻ سان رت ۽ روڳ ڪري تنهنجو هٿ به خراب ٿي پيو هو. ۽ تون اُن ڏهاڙي ڏهه ڀيرا هٿ Detol سان ڌوتا هئَا. "

" شرمائجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. .....پوءِ ائين عورتن تي روڊ روميو فقرا ڇو ڪسيندا آهن؟ اڙي ..... اڙي ..... اڙي ڪاوڙ ۾ هٿ ڪڇي ئي ويندو آهي. جيئَن ٻئَي ڀيري هڪ سڙڪ ڇاپ مجنوءَ کي چماٽ هٽي چار ڏهاڙا بخار ۾ بستري داخل ڪيو. تنَين جناب جي سيني تي سر هٽي دل کي ڌڪ رسائي مٿي ڀهچائڻ جو پاپ پنهنجي سر تي کڻڻ جو سندرو ٻڌو ۽ ڇگو ٿيو اُن جناب راهه رباني نه ورتي نه ته بيلي تو لاءِ ..... "

" اِنهن کي شرم نه ٿو اچي .پوءِ ائين عورتن تي اِهي سڙڪ ڇاپ مجنو ڇو ٿا پنهنجي عاشقي جملن سان وار ڪن. "

" ڪٿي توسان ..... هاڻي اهڙن ڪارنامن تي ..... هاڻي تون ڏاڍي عقل واري ٿي وئي آهين. هاڻي تنهنجو هٿ نه ٿو کڄي پر .....

"
" .گدڙ ڊاڪ نه پڄي آکي ٿو ڪٿا "

**6**

" ها ..... ها ..... پهاڪو سنو ڏنو اٿيئَي. اڄ ڪلهه تنهنجي هٿ نه هلڻ جو ڪو خاص سبب ....ها ها ..... ها ها ها ..... ها
" .آهي ڇا؟ تو ڇو بند ڪيو آهي
" .ڇو جو هر مرد روڊ روميو ڪونه آهي
" .۽ هر مرد وشوامتر به ڪونه آهي
" .ساڳيءَ طرح مرد ۽ عورت پنهي ۾ به طبقا آهن اهڙن مردن سان ملجي جيڪي احترام ڪن، عورت جي عزت ڪن
" .پر سماج
" پنهنجي آرزئن ۽ خواهشن جي .سماج ته مردن جو جوڙيل آهي. اڄ جي عورت کي مختلف ناون سان نوازيو پيو وڃي
" .چند لمحن جي تسڪين لاءِ عورت کي نشانو بڻائيو پيو وڃي
" ...... پر ...... پر
" پر مون به اِنهن آرزئن ۽ ارمانن جي پرندڙ ڳلن کي عورت جي رواداريءَ سان بدصورت ۽ ناڪام بڻائڻ جو عزم ۽ عهد
" .ڪيو آهي
" .ڪٿي عورت جي احترام ۾ پيار ته سمائيل نه آهي
" .الله ڙي ! تو ته منهنجو دماغ ڪائي ڇڏيو آهي. مان ڇوان ٿي منهنجي اکين اڳيان ٿري وڃ
" ٺيڪ آهي بابا ناراض نه ٿي. خوام خواه پنهنجو بلڊ پريشر هاءِ نه ڪر. مان دعا ٿو گهران تنهنجو اهو احترام وارو جذبو
" .پيار ۾ تبديل ٿئَي ۽ ڪڏهن عشق ۾ مبتلا ٿين ۽ پيار ڪرين
" .مون وٽ بيڪار ! ڳالهين لاءِ وقت ڪونه آهي
" پيار ۽ بيڪار ! هن سنسار جو آڌار ئي پيار آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جون ڳاٿائون تو نه پڙهيون آهن ڇا؟
" .پنهنجن خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڀڳوان جو سهارو وٺن ٿا
" .تو گيت گووند نه پڙهيو آ
" .نه
" .پلا ڪالي داس جو ميگهه دوت
" .نه
" ته مان توکي صلاح ڏيندس ته جنَه ديو جو گيت گووند ۽ ڪاليداس جو ميگهه دوت پڙهي ڏس. توکي پنهنجي ماضيءَ کي
" .چاڻڻ گهرجي. ڌرم جي چاڻ هئَڻ گهرجي
" .مونکي اِنهن جي چاڻڻ جي ڪائي ضرورت نه آهي. مهرباني ڪري منهنجي اکين اڳيان ٿري وڃ
" منهنجي وڃڻ کان پوءِ نه پڇتائجانءِ. متان پوءِ ملال ڪرين، پوءِ افسوس ڪرين ۽ مونکي ياد -وڃان ٿو -وڃان ٿو
" .مان توکي ڏاڍو ياد ٿي ڪريان .ڪندي رهين، پڪاريندي رهين. اڄ مونٿي اڄ
" .وڃ ڙي وڃ تو جهڙا سوين ڏٺا آهن
" تو سوين ڏٺا هوندا پر .... پر منهنجي اهميت ئي ڪجهه ٻي آهي. اِئين نه ٿئَي ته وقت هٿان نڪري وڃي ۽ مان توکان
" .ڪوهان پري هليو وڃان. تون منهنجي سهاري لاءِ تڙڦندي رهين
" تڙڦ ۽ تو لاءِ؟ "
" ...... اِئين نه ٿئَي جو منهنجي سهاري حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي آزيون نيزاريون ڪرين ۽ -بلڪل
" .آزيون نيزاريون توکي؟ ان ڏهاڙي پرلئَه ايندي
" وينا مان توکي سڃاڻان. هڪ ته زميندار ي خون، پيو ڳوڻاٽي، ٺيون اوچ خاندان يعني برهمڻ گهراڻي سان تعلق، چوٿون

خودي ۽ خودداريءَ جو جذبو، غرور، غيرت ۽ جنون ٻيلي توکي مڃائڻ محال آهي. پر وري به مان تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ وينا سوچي وٺ. اڄ گهران ڪڍين ٿي -سوچي وٺ -تيار رهندس خبر نه آهي ڇو تو لاءِ دل ۾ احساس ٿئي ٿو. سوچي وٺ ها اُن -پر اُهو وقت پري نه آهي، جڏهن تون مونکي پنهنجو سونهون بڻائي منهنجو استعمال دل تي ڪندينءَ، پر اُن وقت تون اُن فن کان محروم رهندينءَ. منهنجون آزيون نيزاريون ڪندينءَ پر مان اُن بلنديءَ تي هوندس جنهن کي تو لاءِ ڇهڻ مشڪل ۽ محال هوندو. منزل پائڻ لاءِ تون لڙڪ لاڙيندينءَ، پيڙا ۾ تڙڦندينءَ ۽ مان اُن "وقت" ۽ موقعي جيان آهيان " .جيڪو هڪ واري هٿان نڪري ويندو آهي ته وري واپس نه ايندو آهي. تون روئندينءَ، زار زار روئندينءَ

" .روئندا منهنجا دشمن. مان چوان ٿي هتان نڪري وڃ. نڪرين ٿو يا نه؟ نه ته ڌڪا ڏيئي گهران ٻاهر ڪڍنديسانءِ "

مان اَڄ سڄڻ سڄڻ بڻجي توکي .مونکي اڄ واري ذلت ياد رهندي. مان توکي تڙڦائيندس، نيچو نوائيندس -وينا ياد رکه "

دوست بڻجي دوستيءَ جو هٿ وڌايو، تو اُن کي ٺڪرائي .صلاح ڏئي، خيرخواه بڻجي دنياداري ۽ حالتن کان واقف ڪيو " .مونکي بي عزت ڪيو آهي. مان اِها توهين ( بي عزتي ) هرگز نه وساري سگهندس، بلڪل نه

" .چڱو ...... چڱو ...... هاڻي جناب هتان نڪري وڃ "

وڃان ٿو، وڃان ٿو، در ڇو ٿي پٽين؟ ايڏو زوردار ڌماڪو ڪيو اَٿيئي جو منهنجو خوف وچان هيانءُ ڏري پيو آهي. " ".محترمه ڏاڍي گرم مزاج جي آهين

" .ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، اِها پڻ پڻ وڃي ٻين جي اڳيان ڪر "

خبر نه آهي ڪهڙا ڪهڙا جيو پکوان پيدا ڪيا آهن. رڳو وتن گهرن ۾ جهيڙا -ڇريو ڪٿان جو -ويو مئو ماريو - شانت من -وچڙائيندا. دلين ۾ وير ويڇا پيدا ڪندا. وتن ليون ٻوڙن سان ۽ ٻوڙا لٺين سان وچڙائيندا. پڙ پڙ چيٽا جنگه مچاءِ کي اڇي نپاڳي تپايو. " آءُ ته پينر ڪله ڪريون. " اصل سيڙجي جهيڙي لاءِ سندرو ٻڌي گهرن ۾ گهڙي پون. ٻلي وانگر " ست در جيستائين نه نوسين تيستائين ماني هضم نه ٿئين، پل ته " پنيور کي باه لڳي " اهڙا حرفت باز خالق ڇو خلقيا آهن؟

( پڙاڏي جي گونج )

" هي ........... هي سنسار ........... هيءَ سرشٽي ..... هيءَ "

" ........... هيءُ آواز ..... هيءُ آواز ڪنهن جو آ........... ڪنهن جو آ هيءُ آواز "

" .... هيءُ سنسار ........... چڪر آ........... ها اهڙو چڪر جيڪو هر اِنسان کي گهيري ٿو .... چڪر آ "

هي پکوان! هيءُ آواز ڪٿان پيو اچي ........... ڪير آهي ........... مونکي تنهنجي صورت ڇو نه ٿي ڏسڻ ۾ اچي.... " تون.... تون ڪير آهين؟.... سامهون ڇو نه ٿو اچين؟ ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهين؟ ....چهرو نظر نٿو اچي صرف آواز جي گونج تنهنجو آواز پڙاڏو بڻجي گونججي رهيو آهي. ٻڌائين ڇو نه ٿو، تون ڪير آهين؟

( پڙاڏو )

هيءُ سنسار چڪر آ .... ها اهڙو چڪي .... جيستائين اِنسان جيئَرو آ اِن چار ۾ ڦاسي ٿو ...... اِن چڪر جي مهاچار ۾ " اِن ......اِن مهاچار کان مڪتي ملڻ مشڪل آ..... موه، مايا، واسنا، ساڌنا، حوس ۽ هٻچ جو مهاچار -وڪوڙجي ٿو مهاچار جي دٻڻ مان نڪرڻ بدران وڃي ٿو اندر پوندو ...... سنساري مهاچار جي پونئر ۾ غوطا کائيندي به 'جيئَڻ' ۽ " .'حاصل' ڪرڻ لاءِ ڪناري جي پائڻ جي جستجو ڪري ٿو. اِن چڪر کان بچڻ مشڪل آ

" .هي پکوان اِن کان مڪتي ڏيار "

( پـڙاڏو )

" اِنسانن لاءِ اِن مهاچار مان مڪتي ڪٿي؟ .... ها ها.......... ها ها.......... ها ها ها.......... مڪتي .... مڪتي "
هيءُ نغارن جا آواز ......... هيءَ .... هي پڳوان هيءُ آواز ڪٿان پيو اچي ...... منهنجي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي رهيا آهن "
"تجلا ڏيندڙ روشني ........ ڪٿان داخل ٿي آهي؟
هيءُ سنسار چڪر آ ...... چڪر ...... چڪر آ ...... چڪر ...... جيستائين پراڻ آهن تيستائين اِن سنساري مهاچار ۾ ڦاٿل "
" .آ. توکي شرير جي تياڳڻ سان ئي هن جنم مان ۽ وري نئَون جنم ...... نئَين جون

جهڙيءَ طرح پراڻا ڪپڙا لاهي نوان ڪپڙا ڪرڻ ۾ اچن ٿا، تهڙيءَ طرح هي جيو آتما به هڪڙا جهونا شرير ڇڏي ٻين "
" .نون ۾ وڃي ٿو

( شـريمـد پڳوت گـيـتـا )

TkkrL; fg /kzq oks e`R;q /kzq oa e`rL; pA
rLeknifjgk;sZFksZ u Roa ‘kksfprqegZfl AA

تنهن ڪري تون اهڙيءَ اڻ ٽر وستوءَ جو -چاڪاڻ ته جو ڄائو آ سو نيٺ مرندو ۽ جو مئَو آهي سو نئَين سر ڄمندو "
" .شوڪ نه ڪر
.هن سنسار ۾ جنم مرڻ جو چڪر هلندو رهندو. هڪڙا ڄمندا ٻيا مرندا
" مـرڻ جـيئَـڻ جو سنـسـاري چـڪـر "

( شـريمـد پڳوت گـيـتـا )

" .جيڪڏهين آتما هميشه مرندڙ ۽ ڄمندڙ به ڪٿي هجي، تڏهن به ته اهڙي ويندڙ شيءَ جو ارمان نه ڪر "
.........نه مـڪـتـي.......... نه مـڪـتـي

جا ڳالھ اصل چنتا ڪرڻ جي لائـق ئي نه آهي تنهنجي چنتا پيو ڪرين ۽ وري ڳالهيون پنـڊتـن جهڙيون پيو ڪرين پر "
" .خبر اٿيئَي پنـڊت مرڻ جيـئَڻ جو شوڪ نه ڪندا آهن

“ From the unreal lead me to the real, from darkness lead me to the light from death lead me to the immortality. ”

Upansehd

**"هندواسي "ڪـتـابـي سـمـالـوچـنـا**

Hindvasi 19th June 1988

کتابي سمالوچنا

" هندواسي "

پکا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا

.، صفحا 218، قيمت 55 روپيا12 -اِندر پوري، نئَين دهلي 84 - C وينا شرنگي (سفرنامو) ڇپائيندڙ : پرميلا پبليڪيشن
:وينا جو هيءُ سفرنامو پڙهندي الائي ڇو ڪرشن راهيءَ جو هيءُ بيت من تي تري آيو

جيڪي هٿ ڇميا، سي پي سنڌي سڏبا،
سنڌي ٿي به سنڌ کي، ڏسڻ کون سڪندا،
ڌارين وانگيان جڏهين، سنڌ وڃي ڏسندا،
.ماڻهو اِئين چوندا ته، سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ

وينا چاولا سنڌ جي آهي، پر ويهارو سالن جي وطن کان وڇوڙي بعد جڏهن سنڌ جي سفر تي ويئَي آهي ته سنڌس
منووگيانڪ حالت، من جي آترويلا، انتظار پري لوچ ۽ شين توڙي واقعن ڏانهن گهري ممتا ۽ لالسا اُها ٿي آهي، جيڪا اُن
شخص ۾ ٿئَي، جنهن ڇڻ سڀ ڪجهه وڃايو هجي ۽ اوچتو اُن کي ڳولهڻ، ڏسڻ ۽ پائڻ جو وجهه مليو هجيس. وينا چاهيو آهي
سنڌ .ته محدود ۽ ٿوري وقت ۾ سنڌ جي ماحول، سنڌ جي شاهوڪار ورثي ۽ سنڌ جي روح کي جهٽي وٺي
ڪري، ڇو ته هن کانپوءِ " الله " ڄاڻي ته ڇا ٿئَي! اهڙي پيڙا جو پڙاڏو سندس اکرن ۾ "...... سرحدن کي Rediscover کي
ٻي خبر نه آهي...... پر مرڻ کانپوءِ اُن منظر کي سمائڻ -الڳه ڪندڙ اُهو صليب آهي، جنهن تي جسم ۽ روح لٽڪيل آهن
" .لاءِ هيءُ اکيون اڌ کليون رهنديون
. هنيون منهنجو هٿ ٿيو، هٿ مٿي ۽ ماهه

وينا جيءُ کولي سنڌ جو سير ڪيو آهي. ائين چوڻ ته هن سچي سنڌ جي مٽي ڇاڻي آهي، شايد وڌاءُ ٿئَي پر يقين ڄاڻو ته سنڌ
جي تهذيبي مرڪزن، اتهاسڪ هنڌن، خوبصورت آستانن ۽ محبوبڙن ماڻهن مان ڪو ورلي آهي، جنهن سان هوءُ نه ملي
ٻڪ جو اونو به -هجي يا نه ڏٺو هجي. لڳي ٿو ڪا پياس آهي، جنهن کي ٻجهائڻ لاءِ هوءَ سرگردان آهي. وقتي سچ پچ اُڃ
نه رهيو اٿس. هن اُڏيري لال جي جوتين وارو مندر به ڏٺو، جنهن کي هندو مسلم اڃا تائين پوڄين ٿا ته ڀٽ شاهه جو مقبرو به
ڏٺو، جو اڄ به سنڌي تهذيب جو روشن منار آهي ۽ پوري سنڌ جي خلق کي سڪون ٿو بخشي ۽ اخلاقي ٻل ٿو ڏئي. هن قرار
ڍنڍ جو مشاهدو ماڻيو، ته ڪينجهر ڍنڍ جي حسين منظر کي لهندڙ سج جي لالڻ ۾ ڏٺو. اُها ڍنڍ جنهن کي شاهه لطيف، نوري ۽
ڄام تماچي جي قصي ۾ امر بڻائي ڇڏيو آهي. هوءَ مڪلي ٽڪريءَ تي به ويئَي، جتي سنڌوءَ جي ماضيءَ جو اِتهاس دفنايو
پيو آهي ته ڀنڀور جي کنڊهرن ۾ سسئَي جي ورلاپ جا پڙاڏا به ٻڌائين. هن اروڙ جو اِتهاسڪ قلعو ۽ مندر به ڏٺو جتي سنڌ
جو آخرين راجا ڏاهر راڄ ڪندو هو. ساڌ ٻيلي جو دلفريب ديدار ته ڪيائين پر اُتي ماني ۽ پاڻيءَ جو لطف به ماڻي آئي ۽
.پيو به گهڻو ڏنائين ۽ ماڻيائين

ڪشيءَ کان وڌيڪ نازڪ ۽ اَهم آهن اُنجا تاثرات جيڪي ليکڪا نهايت ئي سچائي سان -سچي سفرنامي ۾ اِسٿول منظر
اُهي تصويرون ڪٿي دک ۽ درد جو احساس ٿيون ڏيارين، ڪٿي سوچ .چٽيا آهن ۽ سهڻيون تصويرون ٺاهي ورتيون آهن
جي پرن تي ٿيون اڏائين. ڪٿي غصي ۽ ڌڪار جي ڌارا ۾ ٿيون وهائين ته ڪٿي موج ۽ مستيءَ جي عالم ۾ ڇڪي ٿيون
.وٺن. کي لمحا اِنتهائي دلفريب ته کي پيڙا ڏيندڙ

وينا پهرين ڏينهن ئي شهداد ڪوٽ واري پنهنجي ويران گهر جو ورنن ڪندي، درد جي هڪ سوُٽ جاڳائي آهي. ساڳي
سوٽ هن اِظهار مان پڻ اُتي ٿي : " شڪارپوري ڪلفي نه کائي پڇتائڻ کان، کائي پڇتائڻ ڀلو پانئَيم. " سنڌ يونيورسٽي
(ڄامشورو) ۾ سنڌالاجي ڊپارٽمينٽ، جتي ڇڻ سنڌ جي تهذيب جو بيبها ۽ اَڻميو خزانو گڏ ڪيو پيو وڃي، اُتي پهچڻ سان وينا
پنهنجي شاهوڪار ماضيءَ تي اٿاهه فخر ۽ ڳاٽ .جو قد هرڪيوليس جيڏو ( جسماني نه، اِخلاقي ۽ ذهني طور ) ٿي ويو آهي
اگر دنيا جي نگاهه سنڌيت جي علامت عظيم اداري سنڌالاجي تي پوي ته اُنهن کي پنهنجو رخ ۽ رويو بدلائڻو " -اوچو
پوندو. " ساڳيءَ طرح ڪلفٽن ۽ هاڪس بي جي شيل شغل ڪرڻ وقت ليکڪا اهڙي سروُر ۽ ڪيفيت ۾ آهي، ڇڻ سڌ ٻڌ

آءُ وات وڪيل " سپني  " -وچايل، يادگيرين جي ڪنجن جي ولر سان اُڏمندڙ ۽ پيون خوبصورت چيزون آهن. مثال طور ڪي هن ننيڙي نوٽ ۾ بند ڪرڻ ڏکيو آهي.
گرامر واري پهلوءَ کي پاسيرو رکي مان چوندس ته ليکڪا جي ٻولي ڏاڍي برجستي آهي ٻوليءَ تي قبضو اٿس. شهري ۽ ڳوٺاڻي ٻوليءَ جو سهڻو سنگم آهي، جنهن ۾ پنهنجي پوڻءِ جو سڳنڌ ۽ ميٺاج آهي. ڪي ڪي مهاورا اهڙا به اِستعمال ٿي ڪري جيڪي رواجي اِستري ليکڪا جي پهچ کان پري آهن. صرف ٿورا مثال : پيران پير، دستگير جي ڊوهي اٿو، هنن جو دين ايمان صرف ڌن دولت، نانوَ جي بک ۽ زن آهي، غيرت صرف مردن جي جاگير نه آهي، اک پٽڻ کان اڳه عورت جو سوَدو ڪيو ويندو آهي، ڏه پيرا عشق جو اِظهار ڪرڻ مردن جي جنم ڪنڊليءَ ۾ لکيل آهي وغيره وغيره.
انفرادي سطح کان اُپري گڏيل درد جو  -هن سفرنامي ۾ شخص جي خالي خالي وجود جي پيڙا جو درد  -باقي هڪ ڳالهه آڪار ٻڌجي پيو آهي. جيڪو به حساس دل پڙهندو، سو درد کي پنهنجو ئي سمجهندو.

**ڪيرت ٻاٻاڻي**

**ڪجهه تازا سنڌي ڪتاب :جهولي لعل**

جهولي لعل

ڪجهه تازا سنڌي ڪتاب

مئي 1989 1
اَي.جي. اُتم

زندگي هڪ ناٽڪ " هڪ نئَين ليکڪا ڪماري وينا شرنگيءَ جو آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هڪ ٻئَي پٺيان نيون " ليکڪائون اُسري رهيون آهن. وينا هڪ ٻئَي پٺيان 4 سالن ۾ ٽي ڪتاب
" ڪئَن وساريان ويڙهيچن "
" منهنجي پيشي جا گل وَ خار "
" پکا ۽ پنوهار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا "
لکي ڏاڪ چمائي آهي. هي چوٿون ڪتاب سنڌي ساهت ۾ هڪ وڌيڪ اِضافو آهي. هن نئَين ليکڪا جي ٻولي به سليس ۽ وڻندڙ آهي جنَن ڇهن ئي ڪهاڻين مان ظاهر آهي. وينا کي لکڻ لاءِ سماجي حقيقت نگاري ۽ سنڌيت جو مقصد آهي جو مهاڳه ۾ ٻڌايو اٿس. ڪهاڻين ۾ عورت جي خلظوميت، ورهاڱي جي درد ۽ اسانجي روحاني ۽ پنگتي ڪم ڪندڙن ۾ ڦهليل ستي ٿي "ٻهروپ جو چٽر چٽيل آهي. خاص ڪري "زندگي هڪ ناٽڪ" "منهنجو وطن" "ڪي ڏر به اوڏا سپرين" ۽ سيڙائي، لنبي ٿي لاڏ ڪري" اثردار ڪهاڻيون آهن. پوئين ته بهترين سنڌي مذاقي ۽ طنزي ڪهاڻين مان هڪ آهي. اُها سپڪ ٻولي سپاويڪ ڪردار نگاري ۽ حقيقي چترڪاري جو مڏر ميلاپ آهي جا ڪامياب ڪهاڻي ليکڪا ٿي سڏ ڪريس.
نئَين ڪهاڻيڪار وينا ڪاميابيءَ ڏانهن وکه وڌائي آهي.

**“Sangat” quarterly by (SANA)**

“Sangat” quarterly by (SANA)
( Sindhi Association of North America )
Keyan Visaryan Verichan
(Reminiscences)
Author - Veena Shringi

This is a 125 pages book written by a well known All India Sindhi Program Radio Announcer. Her language is everyday Sindhi used in Sind and does not contain Hindi or Sanskrit words usually in abundance in books written by Indian Sindhi writers. The book is about the events, experiences and accomplishments of the author who grew up in Shadadkoat, district Larkana in Sind. Her book has introduced a new and novel writing style which would undoubtedly command a distinguished place in Sindhi literature. She has written about life in the background of Hindu-Muslim common heritage, Simple lifestyle of Sindhis, combined family system, pure sentiments of Sindhi women, etc. Overall, this is a very good book and is recommended for reading by everybody.

NEW DELHI : THE CITY MAGZINE : APRIL, 1988

Veena is proud of the Sindhi culture which dates back to Mohanjodaro. According to her, Sindhis in India have been scattered all over the country. Veena feels discouraged the way Sindhi literature gets a poor response from Sindhis in New Delhi. With opportunities being very few, most Sindhi writers are sitting at home and appreciating their own works. She feels amazed the way Sindhi culture is prospering in a Pakistan, where people are very conscious of preserving Sindhi language and culture.

**VEENA SHRINGI FIGHTING FOR A CAUSE**

EVENING NEWS : THURSDAY DEC. 31ST 1987

**VEENA SHRINGI FIGHTING FOR A CAUSE**

After graduation. Veena took ana appointment with All India Radio in the Sindhi Service of External Services Division, in 1976 where she is continuing as producer, Translator and Announcer of programmes in Sindhi' From her early days she took keen interest in Sindhi language and literature for which she was inspired by her Karachi-born talented mother Sati Gopi Krishan, a popular writer in Sindhi and renowned social worker of her times.
Veena has so far authored three books in Sindhi language. Her first book "KIAN VISARYAN VERHEECHAN" (Reminiscences of Sindh) was published in 1984 and won her an award from Union Ministry of Education. This book was later included in the exhibits of the recently held Indian Book Fair at Moscow. Her second work "Mohinje Peshe-Ja-Gul Ain Khar" was published in 1985 and received avide acclaiming. The third book
"Pakha Ain Panwahar Dithe Mun Deehan Thaiya" (A Travelogue on Pakistan) has been published recently.